## سورة الاحقاف (معنيٰ: ڊگهيون ورن وڪڙن واريون ڀٽون) مڪي

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**ايمان آڻڻ لاءِ ترغيبون ۽ دليل**

حٰمٓ ۚ﴿۱﴾

(١) حا — ميم

تَنۡزِیۡلُ الۡکِتٰبِ مِنَ اللّٰہِ الۡعَزِیۡزِ الۡحَکِیۡمِ ﴿۲﴾

(٢) هي ڪتاب انهيءَ الله وٽان نازل ٿيل آهي جو وڏي قوت ۽ حڪمت وارو آهي.

مَا خَلَقۡنَا السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ وَ مَا بَیۡنَہُمَاۤ اِلَّا بِالۡحَقِّ وَ اَجَلٍ مُّسَمًّی ؕ وَ الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡا عَمَّاۤ اُنۡذِرُوۡا مُعۡرِضُوۡنَ ﴿۳﴾

(٣) اسان آسمانن کي ۽ زمين کي ۽ جيڪي جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تن کي فقط (ڪنهن خاص مقصد سان) ڪنهن حڪمت جي تحت خلقيو آهي، (اجايو بي مقصد ڪونہ خلقيا اٿئون) ۽ انهن کي مقرر مدي لاءِ خلقيو اٿئون (پوءِ فنا ٿي ويندا) پر جيڪي ماڻهو (حق کان) انڪار ٿا ڪن سي انهن ڳالهين تي ڌيان ئي نٿا ڏين جن بابت کين خبردار ڪيو ٿو وڃي.

قُلۡ اَرَءَیۡتُمۡ مَّا تَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰہِ اَرُوۡنِیۡ مَاذَا خَلَقُوۡا مِنَ الۡاَرۡضِ اَمۡ لَہُمۡ شِرۡکٌ فِی السَّمٰوٰتِ ؕ اِیۡتُوۡنِیۡ بِکِتٰبٍ مِّنۡ قَبۡلِ ہٰذَاۤ اَوۡ اَثٰرَۃٍ مِّنۡ عِلۡمٍ اِنۡ کُنۡتُمۡ صٰدِقِیۡنَ ﴿۴﴾

(٤) (اي پيغمبر! تون کين) چئو تہ جن کي توهان الله کان سواءِ پڪاريو ٿا، تن بابت ڪو غور بہ ڪيو اٿوَ؟ ڀلا مون کي ڏيکاريو تہ انهن زمين ۾ کهڙي شيءِ پاڻ خلقي آهي وري آسمانن ۾ هنن جو ڪو حصو آهي ڇا؟ جيڪڏهن توهان حق تي آهيو تہ (ثابتيءَ لاءِ) ڪو ڪتاب تہ مون ڏي کڻي اچو، جو هن (قرآن مجيد) کان اڳي نازل ٿيل هجي يا علم مان ڪو حصو (جو اڳوڻن توهان لاءِ ڇڏيو هجي سو) پيش ڪيو.

وَ مَنۡ اَضَلُّ مِمَّنۡ یَّدۡعُوۡا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰہِ مَنۡ لَّا یَسۡتَجِیۡبُ لَہٗۤ اِلٰی یَوۡمِ الۡقِیٰمَۃِ وَ ہُمۡ عَنۡ دُعَآئِہِمۡ غٰفِلُوۡنَ ﴿۵﴾

(٥) ۽ ڪير انهيءَ ماڻهو کان وڌيڪ گمراهہ ٿي ٿو سگهي جيڪو الله کي ڇڏي اهڙين شين کي يا ٻين کي پڪاري (۽ پوڄي) ٿو جيڪي قيامت جي ڏينهن تائين هن کي جواب بہ ڪونہ ٿا ڏيئي سگهن (بلڪ) اهي سندن سڏ ۽ پڪار کان بلڪل بي خبر آهن.

وَ اِذَا حُشِرَ النَّاسُ کَانُوۡا لَہُمۡ اَعۡدَآءً وَّ کَانُوۡا بِعِبَادَتِہِمۡ کٰفِرِیۡنَ ﴿۶﴾

(٦) ۽ جڏهن ماڻهن کي گڏ ڪيو ويندو تڏهن اهي (پوڄيل) انهن (پوڄا ڪندڙن) جا دشمن ٿي بيهندا، ۽ سندن پوڄا کان انڪاري ٿيندا.

وَ اِذَا تُتۡلٰی عَلَیۡہِمۡ اٰیٰتُنَا بَیِّنٰتٍ قَالَ الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡا لِلۡحَقِّ لَمَّا جَآءَہُمۡ ۙ ہٰذَا سِحۡرٌ مُّبِیۡنٌ ؕ﴿۷﴾

(٧) ۽ جڏهن هنن (ڪافرن) کي اسان جون چٽيون ۽ روشن آيتون پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون، تڏهن جن ماڻهن حق کان انڪار ڪيو آهي، جڏهن وٽن حق اچي بہ ويو آهي سي چوڻ لڳن ٿا تہ هي چٽو چٽو جادو آهي. (۽ ڪوڙ آهي).

اَمۡ یَقُوۡلُوۡنَ افۡتَرٰىہُ ؕ قُلۡ اِنِ افۡتَرَیۡتُہٗ فَلَا

(٨) يا هو هئين ٿا چون ڇا تہ (حضرت محمد ﷺ هي قرآن مجيد)

تَمْلِكُوْنَ لِيْ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَا
تُفِيْضُوْنَ فِيْهِ ؕ كَفٰى بِهٖ شَهِيْدًۢا بَيْنِيْ وَ
بَيْنَكُمْ ؕ وَهُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۸﴾

پنهنجي دل مان گهڙي ناهيو آهي؟ (۽ ڪوڙ هٽي ٻڌائي ٿو ته خدا جو موڪيل آهي؟) (اي پيغمبر! تون ڪين) چئو ته جيڪڏهن مون ان کي پنهنجي دل مان ناهيو آهي ته توهان الله جي مقابلي ۾ مون ڪي ڪجھ به ڪم نه ايندؤ (۽ هو مون ڪي هر طرح ناڪام ۽ محروم ڪري ڇڏيندو) جن ڳالهين ۾ توهان غوطا ڪائي رهيا آهيو سي الله تعاليٰ خوب ڄاڻي ٿو. هو منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ ڪافي شاهد آهي (۽ حق ڪي ڪامياب ڪندو) ۽ هو (مومنن لاءِ) غفور ۽ رحيم آهي.

قُلْ مَا كُنْتُ بِدْعًا مِّنَ الرُّسُلِ وَمَآ اَدْرِيْ
مَا يُفْعَلُ بِيْ وَلَا بِكُمْ ؕ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا
يُوْحٰٓى اِلَيَّ وَمَآ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۹﴾

(۹) (اي پيغمبر! تون ڪين هي به) چئو ته (رسول اڳي به ٿي گذريا آهن سيني الله جي وحدانيت ۽ حق سيڪاريو) مان رسولن ۾ ڪو انوکو رسول ڪونه آهيان (ڪي نيون ڳالهيون ڪونه ٿو ٻڌايان). ۽ مون ڪي معلوم ناهي ته مون سان ڇا ڪيو ويندو ۽ اوهان سان ڇا ڪيو ويندو؟ مان ته فقط انهيءَ (حڪم) جي پيروي ٿو ڪيان جو مون ڏي وحي ڪري موڪليو وڃي ٿو، ۽ مان ته فقط صاف صاف خبردار ڪندڙ آهيان.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كَانَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ وَ
كَفَرْتُمْ بِهٖ وَشَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْۢ بَنِيْٓ
اِسْرَآءِيْلَ عَلٰى مِثْلِهٖ فَاٰمَنَ وَاسْتَكْبَرْتُمْ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۰﴾

(۱۰) (اي پيغمبر! تون ڪين) چئو ته، توهان ڪو خيال به ڪيو آهي ته جيڪڏهن (هي قرآن سچ پچ) الله وٽان آيل آهي، ۽ اوهان ان کي مڃڻ کان انڪار ٿا ڪيو ۽ بني اسرائيلن مان هڪڙي شاهد شاهدي به ڏني آهي ته هي قرآن (تورات ۽ انجيل) جي مثل آهي ۽ پوءِ ايمان به آندو اٿس. پر توهان تڪبر ڪيو آهي (۽ تڪبر جي ڪري نٿا مڃيو ته پوءِ توهان ڪهڙا نه جاهل ۽ ظالم چئبؤ). يقيناً الله تعاليٰ ظالم ماڻهن کي ڪڏهن به سڌيءَ واٽ تي نٿو لڳائي.

رڪوع 3

**ماءُ پيءُ سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ، متڪبر خوار خراب ٿيندا.**

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَوْ
كَانَ خَيْرًا مَّا سَبَقُوْنَآ اِلَيْهِ ؕ وَاِذْ لَمْ
يَهْتَدُوْا بِهٖ فَسَيَقُوْلُوْنَ هٰذَآ اِفْكٌ قَدِيْمٌ ﴿۱۱﴾

(۱۱) ۽ ڪافر مومنن بابت چون ٿا ته، جيڪڏهن (انهيءَ دين ۾) ڪا چڱائي هجي ها ته (اهي مسڪين ۽ رذيل ماڻهو) اسان کان اڳي ڪونه اُن ڏي ڀڄن ها. (اسان وڏيڪ عقل ۽ عزت وارا ماڻهو ان دين ۾ ڪا به چڱائي نٿا ڏسون) حقيت هيءَ آهي ته هنن کي خود غرضي ۽ تڪبر انڌو ڪري ڇڏيو آهي) ۽ جڏهن ته هو ان دين جي وسيلي سڌي واٽ نٿا وٺن، تڏهن (عقل جا انڌا ٿي) چون ٿا ته هيءُ ته پراڻو قديم زمانن وارو ڪوڙ آهي.

وَمِنْ قَبْلِهٖ كِتٰبُ مُوْسٰٓى اِمَامًا وَّرَحْمَةً ؕ وَ
هٰذَا كِتٰبٌ مُّصَدِّقٌ لِّسَانًا عَرَبِيًّا لِّيُنْذِرَ
الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۖ وَبُشْرٰى لِلْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۲﴾

(۱۲) ۽ هن کان اڳي حضرت موسيٰ تي نازل ٿيل ڪتاب (ماڻهن لاءِ) رهبر (يعني پيشوا يا واٽ ڏيڪاريندڙ) هو ۽ سراسر رحمت هو. ۽ هي ڪتاب (قرآن مجيد) جو ان جي تصديق ٿو ڪري، سو عربي زبان ۾ (نازل ٿيو) آهي. انهيءَ لاءِ ته ظلم ڪندڙن کي (برن نتيجن کان) خبردار ڪري ۽ نيڪ ڪم ڪندڙن کي (ڪاميابيءَ جي) خوشخبري ڏيئي ڇڏي.

إِنَّ الَّذِينَ قَالُوا رَبُّنَا اللَّهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ ﴿١٣﴾

(١٣) بيشڪ جيڪي ماڻهو (يقين سان مجن ٿا ۽) چون ٿا ته، اسان جو پروردگار (۽ نگهبان) الله آهي ۽ وري ان (ايمان) تي عملاً محڪم ۽ قائم رهن ٿا تن کي نڪو خوف هوندو، نڪي هو ڪو غم ڪندا.

أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ الْجَنَّةِ خَالِدِينَ فِيهَا جَزَاءً بِمَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿١٤﴾

(١٤) اهي ماڻهو جنتي آهن ۽ هميشه ان جنت ۾ رهندا. اهو انهن کي انعام ملندو انهن نيڪ عملن جو جيڪي هنن ڪيا هئا.

وَوَصَّيْنَا الْإِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ إِحْسَانًا ۖ حَمَلَتْهُ أُمُّهُ كُرْهًا وَوَضَعَتْهُ كُرْهًا ۖ وَحَمْلُهُ وَفِصَالُهُ ثَلَاثُونَ شَهْرًا ۚ حَتَّىٰ إِذَا بَلَغَ أَشُدَّهُ وَبَلَغَ أَرْبَعِينَ سَنَةً قَالَ رَبِّ أَوْزِعْنِي أَنْ أَشْكُرَ نِعْمَتَكَ الَّتِي أَنْعَمْتَ عَلَيَّ وَعَلَىٰ وَالِدَيَّ وَأَنْ أَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضَاهُ وَأَصْلِحْ لِي فِي ذُرِّيَّتِي ۖ إِنِّي تُبْتُ إِلَيْكَ وَإِنِّي مِنَ الْمُسْلِمِينَ ﴿١٥﴾

(١٥) ۽ اسان انسان کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان سهڻي سلوڪ ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو آهي. (ڏسو) سندس ماءُ هن کي وڏي تڪليف سان (اٽڪل 9 مهينا) پيٽ ۾ کنيو ۽ وڏي تڪليف سان هن کي ڄڻيائين، ۽ هن کي پيٽ ۾ سانڍڻ کان وٺي ٿڃ ڇڏائڻ تائين ٽيهه مهينا لڳي ٿا وڃن. (پوءِ ڇو نه انسان کي پنهنجي ماءُ جي خدمت، پيار ۽ عزت سان ڪرڻ گهرجي). آخر اهو (ٻار) طاقت واري جوانيءَ ۾ اچي ٿو ۽ (پوءِ) چاليهن ورهن جي ڄمار کي پهچي ٿو. (ان عمر ۾ عقل وارو ٿئي ٿو ۽) چوي ٿو ته، اي منهنجا پروردگار! مون کي توفيق ڏي ته مان تنهنجي انهن نعمتن جو شڪريو بجا آڻيان جي تو مون تي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي ڪيون آهن، ۽ پڻ توفيق ڏي ته مان اهڙا نيڪ عمل ڪيان جي توکي پسند پون ۽ منهنجي اولاد کي منهنجي لاءِ نيڪ ڪجانءِ. مان توڏي رجوع ٿو ٿيان، ۽ يقيناً مان (تنهنجي) فرمانردار ٻانهن مان آهيان.

أُولَٰئِكَ الَّذِينَ نَتَقَبَّلُ عَنْهُمْ أَحْسَنَ مَا عَمِلُوا وَنَتَجَاوَزُ عَنْ سَيِّئَاتِهِمْ فِي أَصْحَابِ الْجَنَّةِ ۖ وَعْدَ الصِّدْقِ الَّذِي كَانُوا يُوعَدُونَ ﴿١٦﴾

(١٦) اهڙا ماڻهو اُهي آهن جن جي عملن مان بهترين عمل اسان (انعامن لاءِ) قبول ڪنداسين ۽ سندن برائين ۽ غلطين کي درگذر ڪنداسين، اهي جنت جي ساٿين ۾ هوندا. اهو آهي سچو واعدو جو هنن سان ڪيو ويو هو (۽ هاڻي پورو ڪيو ويو).

وَالَّذِي قَالَ لِوَالِدَيْهِ أُفٍّ لَكُمَا أَتَعِدَانِنِي أَنْ أُخْرَجَ وَقَدْ خَلَتِ الْقُرُونُ مِنْ قَبْلِي وَهُمَا يَسْتَغِيثَانِ اللَّهَ وَيْلَكَ آمِنْ إِنَّ وَعْدَ اللَّهِ حَقٌّ فَيَقُولُ مَا هَٰذَا إِلَّا أَسَاطِيرُ الْأَوَّلِينَ ﴿١٧﴾

(١٧) پر اهو (وڏو بدبخت آهي) جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ کي چوي ٿو ته، مان اوهان کان بيزار آهيان، ڇا توهان مون کي ڊيڄاريو ٿا ته مان (قبر مان وري) ڪڍيو ويندس. حالانڪ مون کان اڳي ڪيئي پيڙهيون گذري چڪيون آهن (۽ انهن مان ڪوبه وري جيئرو ڪونه ڪيو ويو آهي) ۽ اهي (ماءُ پيءُ) خدا کي مدد لاءِ پڪارين ٿا (۽ پٽ کي چون ٿا ته) اي ڪم بخت (رب تي) ايمان آڻ. يقيناً الله جو واعدو سچو آهي. پوءِ هو چوڻ لڳي ٿو ته هي ته گذري ويل ماڻهن جون (خالي) ڪهاڻيون آهن.

أُولَٰئِكَ الَّذِينَ حَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ فِي أُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمْ مِنَ الْجِنِّ وَالْإِنْسِ ۖ إِنَّهُمْ كَانُوا خَاسِرِينَ ﴿١٨﴾

(١٨) اهڙائي ماڻهو آهن جن تي الله جو قول سچو ثابت ٿيندو، اهو قول جو اڳوڻين جنن ۽ انسانن جي قومن تي به سچو ثابت ٿيو هو. (اهو قول يا واعدو ڪهڙو هو؟ اهو ته) يقيناً اهڙا ماڻهو سراسر خساري هيٺ اچڻا ۽ تباه ٿيڻا آهن.

وَلِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا عَمِلُوْا ۚ وَلِيُوَفِّيَهُمْ اَعْمَالَهُمْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١٩﴾

(١٩) ۽ سيني لاءِ سندن عملن جي لحاظ کان جدا جدا درجا ٿيندا، انهيءَ لاءِ ته الله تعاليٰ کين سندن عملن جو پورو پورو بدلو ڏيئي ۽ هنن سان ڪجھ به بي انصافي نه ٿئي.

وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَلَى النَّارِ ؕ اَذْهَبْتُمْ طَيِّبٰتِكُمْ فِيْ حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا وَاسْتَمْتَعْتُمْ بِهَا ۚ فَالْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ تَفْسُقُوْنَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) ۽ جنهن ڏينهن ڪافرن کي باھ جي اڳيان آندو ويندو (تڏهن کين چيو ويندو ته) توهان پنهنجي دنيائي زندگيءَ ۾ چڱيون چڱيون شيون (۽ نعمتون اسان وٽان) حاصل ڪيون ۽ توهان انهن جو خوب مزو ورتو (پر اسان جي حڪمن تي عمل نه ڪيو) سو اڄ توهان کي بدلي ۾ ذلت جو عذاب ملندو هن ڪري جو توهان زمين تي ناحق آڪڙ (۽ ظلم) ڪندا هئو ۽ هن ڪري جو توهان (اسان جي) نافرماني ڪندا هئو.

رڪوع 3

**عاد قوم جا مثال**

وَاذْكُرْ اَخَا عَادٍ ؕ اِذْ اَنْذَرَ قَوْمَهٗ بِالْاَحْقَافِ وَقَدْ خَلَتِ النُّذُرُ مِنْ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖۤ اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنِّيْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٢١﴾

(٢١) (اي منهنجا پيغمبر!) عاد قوم جي ڀاءُ (حضرت هود) جو بيان (هنن عربن کي) ٻڌاءِ. ڏسو هن پنهنجي قوم جي ماڻهن کي، جيڪي احقاف ۾ رهندا هئا، خبردار ڪيو. ۽ هن کان اڳي توڙي پوءِ ٻيا به خبردار ڪندڙ (پيغمبر سڳورا) ٿي گذريا آهن. (انهن به پهنجن پنهنجن ماڻهن کي خبردار ڪيو ته) الله کان سواءِ ڪنهن جي به پوڄا نه ڪيو (۽ ڪنهن به قسم جي نامناسب ڪاڻ نه ڪيو. نڪي بادشاهن ۽ سردارن جي نڪي پيرن فقيرن ۽ ٻين جي. جيڪي پاڻ کي ڪرامت جا صاحب ٿا سڏائين) (جيڪڏهن ٻين جي غلامي ۽ پوڄا ڪندو ته) مون کي خوف آهي ته ڪنهن وڏي (سخت) ڏينهن جو عذاب اچي اوهان جي مٿان ڪڙڪندو.

قَالُوْۤا اَجِئْتَنَا لِتَاْفِكَنَا عَنْ اٰلِهَتِنَا ۚ فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَاۤ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٢﴾

(٢٢) هنن چيو ته، ڇا تون اسان ڏي انهيءَ لاءِ آيو آهين ته اسان کي اسان جي ديوتائن کان ڦيرائي ڇڏين؟ (اسان هرگز ڪونه ڦرنداسين). سو جيڪڏهن تون سچ ٿو چئين ته، ڀلا آڻ اهو عذاب جنهن جو اسان کي دڙڪو ٿو ڏئين.

قَالَ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۖ وَاُبَلِّغُكُمْ مَّاۤ اُرْسِلْتُ بِهٖ وَلٰكِنِّيْۤ اَرٰىكُمْ قَوْمًا تَجْهَلُوْنَ ﴿٢٣﴾

(٢٣) حضرت هود جواب ڏنو ته ان (يذاب جي اچڻ جي وقت) جو علم ته فقط الله کي آهي (پر ياد رکو ته عذاب ضرور اچڻو آهي) ۽ مان ته فقط اهو ئي حڪم ۽ پيغام اوهان کي پهچايان ٿو جن سان خدا مون کي موڪليو آهي. پر مان ته ڏسان ٿو ته توهان وڏا جاهل ماڻهو آهيو.

فَلَمَّا رَاَوْهُ عَارِضًا مُّسْتَقْبِلَ اَوْدِيَتِهِمْ ۙ قَالُوْا هٰذَا عَارِضٌ مُّمْطِرُنَا ؕ بَلْ هُوَ مَا اسْتَعْجَلْتُمْ

(٢٤) پوءِ جڏهن هنن ان (عذاب) کي هڪڙي ڪڪر جي صورت ۾ پنهنجي وادين جي سامهون ايندي ڏٺو، تڏهن (ڀلجي خوشيءَ مان) چيائون ته هي هڪڙو ڪڪر آهي جو اسان تي مينهن وسائيندو (۽ اسان

بِهٖ ۚ رِيۡحٌ فِيۡهَا عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۲۴﴾

جي وادين کي آباد ڪندو). نه نه (آبادي ڪرائڻ وارو مينهن نه اٿوَ.) بلڪ اهو اهو (عذاب) اٿوَ، جنهن لاءِ (توڪ وانگر) توهان تڪڙ لائي ڏني هئي. اهو سخت طوفان اٿوَ، جنهن ۾ دردناڪ عذاب رکيل آهي.

تُدَمِّرُ كُلَّ شَيۡءٍۢ بِاَمۡرِ رَبِّهَا فَاَصۡبَحُوۡا لَا يُرٰٓى اِلَّا مَسٰكِنُهُمۡ ؕ كَذٰلِكَ نَجۡزِى الۡقَوۡمَ الۡمُجۡرِمِيۡنَ ﴿۲۵﴾

(٢٥) اهو طوفان هرهڪ شيءِ کي پنهنجي رب جي حڪم سان برباد ڪري ڇڏيندو. پوءِ صبح جي وقت (تائين ڇا ٿيندو جو) سندن گهرن جي کنڊرن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه ايندو. اهڙيءَ طرح اسان گنهگار قوم جي ماڻهن کي (بدعملن جو) بدلو ڏيندا آهيون.

وَلَقَدۡ مَكَّنّٰهُمۡ فِيۡمَاۤ اِنۡ مَّكَّنّٰكُمۡ فِيۡهِ وَجَعَلۡنَا لَهُمۡ سَمۡعًا وَّاَبۡصَارًا وَّاَفۡـِٕدَةً ۖ فَمَاۤ اَغۡنٰى عَنۡهُمۡ سَمۡعُهُمۡ وَلَاۤ اَبۡصَارُهُمۡ وَلَاۤ اَفۡـِٕدَتُهُمۡ مِّنۡ شَيۡءٍ اِذۡ كَانُوۡا يَجۡحَدُوۡنَ ۙ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَحَاقَ بِهِمۡ مَّا كَانُوۡا بِهٖ يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿۲۶﴾

(٢٦) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان انهن (عاد قوم جي ماڻهن کي) اهڙي وڏي طاقت ۽ آسودگيءَ جي حالت ۾ ملڪ ۾ قائم رکيو هو جهڙيءَ حالت ۾ اسان اوهان (قريشن) کي هرگز ڪون رکيو آهي ۽ اسان هنن کي ڪَن، اکيون ۽ دليون ڏنيون (يعني اهڙي دل دماغ ۽ هنر ڏنا جهڙا اوهان کي ڪونه ڏنا اٿئون)، پر جڏهن هنن الله تعاليٰ جي آيتن ۽ حڪمن مڃڻ کان انڪار ڪيو تڏهن ته سندن ڪَن، اکيون ۽ دليون هنن کي ڪجهه به ڪم نه آيون ۽ جن ڳالهين تي ٺٺوليون ڪندا هئا سي ئي هنن کي وڪوڙي ويون. (توهان قريش ڇا آهيو. خبردار ٿيو، خدا جي حڪمن کي مڃيو، نه ته اوهان به تباهه ٿيندَو.)

## رڪوع 4

## ايمان آڻڻ ۽ صالح عمل ڪرڻ لاءِ ترغيبون

وَلَقَدۡ اَهۡلَكۡنَا مَا حَوۡلَكُمۡ مِّنَ الۡقُرٰى وَصَرَّفۡنَا الۡاٰيٰتِ لَعَلَّهُمۡ يَرۡجِعُوۡنَ ﴿۲۷﴾

(٢٧) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان اوهان جي آسپاس (خود عربستان ۾) کي بستيون برباد ڪري ڇڏيون، ۽ اسان پنهنجون نشانيون کولي کولي ٻڌايون آهن انهيءَ لاءِ ته من هو (اسان ڏي) موٽن (۽ صالح عمل ڪن).

فَلَوۡلَا نَصَرَهُمُ الَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ قُرۡبَانًا اٰلِهَةً ؕ بَلۡ ضَلُّوۡا عَنۡهُمۡ ۚ وَذٰلِكَ اِفۡكُهُمۡ وَمَا كَانُوۡا يَفۡتَرُوۡنَ ﴿۲۸﴾

(٢٨) (گهڻيون ئي قومون اسان تباهه ڪري ڇڏيون) پوءِ ڇون نه انهن کي انهن مدد ڪئي، جن کي هڪ الله کان سواءِ معبود ڪري ورتو هئائون، (۽ سندن پوڄا ڪندا هئا) انهيءَ لاءِ ته (خدا وٽ) قربت يا ويجهڙائي حاصل ڪن. (انهن ديوتائن سندن مدد نه ڪان ڪئي، پر) اٽلندو ڪانئن پڇي گم ٿي ويا، ۽ اهو سندن (عقيدو ۽ عمل) بلڪل ڪوڙ هو ۽ سندن هٿرادو ٺاهه هو.

وَاِذۡ صَرَفۡنَاۤ اِلَيۡكَ نَفَرًا مِّنَ الۡجِنِّ يَسۡتَمِعُوۡنَ الۡقُرۡاٰنَ ۚ فَلَمَّا حَضَرُوۡهُ قَالُوۡۤا اَنۡصِتُوۡا ۚ فَلَمَّا قُضِىَ وَلَّوۡا اِلٰى قَوۡمِهِمۡ مُّنۡذِرِيۡنَ ﴿۲۹﴾

(٢٩) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان توڏي جنن جي هڪ ٽولي لاڙي آندي ته قرآن ٻڌن. پوءِ جڏهن اتي آيا تڏهن (هڪٻئي کي) چوڻ لڳا ته ماٺ ڪيو (۽ خيال سان ٻڌو). پوءِ جڏهن قرآن جو پڙهڻ پورو ڪيو ويو، تڏهن هنن (ايمان آندو ۽) پنهنجي ماڻهن ڏي موٽيا انهيءَ لاءِ ته کين خبردار ڪيو وڃي.

قَالُوۡا يٰقَوۡمَنَاۤ اِنَّا سَمِعۡنَا كِتٰبًا اُنۡزِلَ مِنۡۢ بَعۡدِ

(٣٠) (انهن پنهنجي ماڻهن ڏي اچي) چيو ته، اي اسان جي قوم جا ماڻهو!

مُوْسٰى مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ يَهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ وَاِلٰى طَرِيْقٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٣٠﴾

اسان هڪ اهڙو ڪتاب ٻڌو آهي جو حضرت موسيٰ کان پوءِ نازل ٿيو آهي ۽ جو انهن ڪتابن جي تصديق ٿو ڪري جيڪي اڳي آيل هئا، اهو ڪتاب حق جي طرف وات ٿو ڏيکاري ۽ سڌي وات ٿو ڏيکاري.

يٰقَوْمَنَآ اَجِيْبُوْا دَاعِيَ اللّٰهِ وَاٰمِنُوْا بِهٖ يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُجِرْكُمْ مِّنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٣١﴾

(٣١) اي اسان جي قوم جا ماڻهو! الله جي طرف سڏيندڙ (حضرت محمدﷺ) جو سڏ ورنايو ۽ ان (الله) تي ايمان آڻيو. هو اوهان کي اوهان جون (اڳوڻيون) خطائون معاف ڪري ڇڏيندو ۽ اوهان کي دردناڪ عذاب کان بچائي وٺندو.

وَمَنْ لَّا يُجِبْ دَاعِيَ اللّٰهِ فَلَيْسَ بِمُعْجِزٍ فِي الْاَرْضِ وَلَيْسَ لَهٗ مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءُ ۭ اُولٰۗىِٕكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٢﴾

(٣٢) ۽ جيڪو الله ڏي سڏيندڙ جو سڏ نه ورنائيندو سو زمين تي الله جي رٿن کي روڪي ڪونه سگهندو ۽ هن جي لاءِ الله کان سواءِ ڪي به ڪارساز يا مددگار نه هوندا. اهي چٽي چٽي گمراهيءَ ۾ هوندا.

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَلَمْ يَعْيَ بِخَلْقِهِنَّ بِقٰدِرٍ عَلٰٓي اَنْ يُّـحْيِۦ الْمَوْتٰى ۭ بَلٰٓي اِنَّهٗ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٣٣﴾

(٣٣) هو نٿا ڏسن ڇا ته بيشڪ الله اهو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي خلقيو آهي ۽ جو انهن جي خلقڻ ۾ بلڪل ڪونه ٿو ٿڪجي. بيشڪ هو مئلن کي زنده ڪرڻ تي قادر آهي. بلڪ يقيناً هو هر شيءِ تي قادر آهي.

وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَلَي النَّارِ ۭ اَلَيْسَ هٰذَا بِالْحَقِّ ۭ قَالُوْا بَلٰى وَرَبِّنَا ۭ قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿٣٤﴾

(٣٤) ۽ جنهن ڏينهن ڪافرن کي باهه جي سامهون آندو ويندو (تنهن ڏينهن ڪائنن پڇيو ويندو ته) ڇا هي (قيامت) برحق نه آهي؟ هو چوندا ته قسم آهي اسان جي پروردگار جو ته، هائو (بيشڪ برحق آهي). ڪين چيو ويندو ته، توهان انڪار ڪندا هئو. سو هاڻي (ان جي نتيجي ۾) عذاب جو مزو چکو.

فَاصْبِرْ كَمَا صَبَرَ اُولُوا الْعَزْمِ مِنَ الرُّسُلِ وَلَا تَسْتَعْجِلْ لَّهُمْ ۭ كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَ مَا يُوْعَدُوْنَ ۙ لَمْ يَلْبَثُوْٓا اِلَّا سَاعَةً مِّنْ نَّهَارٍ ۭ بَلٰغٌ ۚ فَهَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٣٥﴾

(٣٥) سو (اي پيغمبر!) تون صبر ڪر ۽ ثابت قدم رهه جيئن اڳوڻا عالي همت رسول ثابت قدم رهيا. ۽ هنن (ڪافرن) بابت تڪڙ نه ڪر، جو ته هي ماڻهو جنهن ڏينهن اهو (عذاب) ڏسندا جنهن جو ڪين واعدو ڏنل آهي (تنهن ڏينهن ائين پيو معلوم ٿيندو ته ڄڻ ته) هو ڏينهن جي به ڪا گهڙي مس ترسيا هئا. (تنهنجو ڪم آهي فقط) پيغام پهچائڻ. (ياد رکو ته) فقط اهي ئي تباهه ٿيندا جيڪي (خدا جا) نافرمان باغي هئا.

## سورة محمد — مدني

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**جيڪي حق جي وات تي هلڻ کان روڪين ٿا تن سان لڙائي ڪريو.**

اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَضَلَّ اَعْمَالَهُمْ ﴿١﴾

(١) جيڪي ماڻهو (قرآني نظام حيات هيٺ اچڻ کان) انڪار ٿا ڪن، ۽ اٿلندو (مومنن کي) الله جي راهه کان روڪين ٿا تن جا عمل الله تعاليٰ ضايع ڪري ڇڏيندو (۽ هو پنهنجي ارادن ۾ ڪامياب ڪونه ٿيندا).

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاٰمَنُوْا بِمَا
نُزِّلَ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّهُوَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۙ كَفَّرَ
عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَاَصْلَحَ بَالَهُمْ ۝٢

(٢) ۽ جيڪي ماڻهو (حق ۾) يقيني ويساهه رکن ٿا ۽ صالح عمل ڪن ٿا، ۽ جيڪي حضرت محمد(ﷺ) تي نازل ڪيو ويو آهي ۽ اهو آهي به سچ پچ سندن پروردگار وٽان آيل حق، تنهن تي پورو ويساهه رکن ٿا تن جون برائيون الله تعاليٰ ڪڍي ڇڏيندو ۽ سندن (اندروني توڙي ٻاهرئين) حالت سڌاري ڇڏيندو.

ذٰلِكَ بِاَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوا اتَّبَعُوا الْبَاطِلَ وَ
اَنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّبَعُوا الْحَقَّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۭ
كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ اَمْثَالَهُمْ ۝٣

(٣) اهو هن ڪري ٿيندو جو جن (حق تي يعني قرآن تي عمل ڪرڻ کان) انڪاري ڪيو آهي سي باطل جي پيروي ڪري رهيا آهن (تنهن ڪري ضرور تباهه ٿيندا) ۽ جن (قرآن تي) ايمان آندو آهي سي پنهنجي پروردگار وٽان آيل حق جي پيروي ڪري رهيا آهن (تنهن ڪري هو ضرور ڪامياب ٿيندا). اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ ماڻهن کي مثال ۽ سمجهاڻيون ڏئي ٿو (ته من سمجهن ۽ سڌي واٽ وٺن).

فَاِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَضَرْبَ الرِّقَابِ ۭ
حَتّٰٓى اِذَآ اَثْخَنْتُمُوْهُمْ فَشُدُّوا الْوَثَاقَ ۤۙ فَاِمَّا
مَنًّۢا بَعْدُ وَاِمَّا فِدَاۗءً حَتّٰى تَضَعَ الْحَرْبُ
اَوْزَارَهَا ڔ ذٰلِكَ ۭ وَلَوْ يَشَاۗءُ اللّٰهُ لَانْتَصَرَ
مِنْهُمْ وَلٰكِنْ لِّيَبْلُوَا۟ بَعْضَكُمْ بِبَعْضٍ ۭ وَ
الَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَنْ يُّضِلَّ
اَعْمَالَهُمْ ۝٤

(٤) سو جڏهن توهان ڪافرن سان (لڙائيءَ ۾) منهن مقابلي ٿيو تڏهن انهن جي ڳچين تي تلوار جو وار ڪيو، تان جو جڏهن هنن کي بلڪل ڪمزور ۽ مغلوب ڪري وجهو تڏهن هنن کي گرفتار ڪيو (يا هنن کي انصاف واري عهدنامي قبول ڪرڻ تي مجبور ڪيو) پوءِ (قيدين کي) يا ته احسان طور (بنا فديه وٺڻ جي) ڇڏي ڏيو يا فديو وٺي ڇڏي ڏيو. تان جو لڙائيءَ جو امڪان نه رهي) اهو (حڪم آهي لڙائي بابت) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها ته پاڻ هنن کان بدلو وٺي ها (يعني يا ڪين عذاب ڪري ها يا ڪين تباهه ڪري ڇڏي ها) پر (سندس حڪمت لڙائيءَ جي حڪم ڏيڻ ۾ يا ظلم جي مقابلي ڪرڻ ۾ هي رکيل آهي ته) هو اوهان کي هڪٻئي جي ذريعي آزمائي (سچي ايمان جي آزمائش آهي ئي انهيءَ ۾ ته ايمان وارا حق جي راهه ۾ خود قربانيون ڪن بلڪ جانيون به قربان ڪن) ۽ جيڪي الله جي راهه ۾ قتل ٿين ٿا تن جا عمل الله تعاليٰ هرگز ضايع نه ڪندو.

سَيَهْدِيْهِمْ وَيُصْلِحُ بَالَهُمْ ۝٥

(٥) جلد ئي الله تعاليٰ ڪين (جنت جي) واٽ تي لڳائي ڇڏيندو. ۽ سندن (عملن جي ڪمزور) حالت نيڪ ڪري ڇڏيندو.

وَيُدْخِلُهُمُ الْجَنَّةَ عَرَّفَهَا لَهُمْ ۝٦

(٦) ۽ هنن کي جنت ۾ داخل ڪندو جنهن جي خبر اڳ تي ڪين ڏيئي ڇڏي اٿس.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ
يَنْصُرْكُمْ وَيُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ ۝٧

(٧) اي مومنو! جيڪڏهن توهان الله جي مدد ڪندو (يعني حق جي راهه ۾ جهاد ڪندو) ته الله تعاليٰ اوهان جي مدد ڪندو ۽ توهان جا قدم (لڙائي ۾ توڙي حق تي هلڻ ۾) محڪم رکندو.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَتَعْسًا لَّهُمْ وَاَضَلَّ اَعْمَالَهُمْ ﴿٨﴾

(٨) ۽ جيڪي ماڻهو (الله جي راهه تي هلڻ کان) انڪار ڪيو ويٺا آهن تن جي لاءِ تباهي آهي ۽ الله تعاليٰ سندن عمل برباد ڪري ڇڏيندو.

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَرِهُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاَحْبَطَ اَعْمَالَهُمْ ﴿٩﴾

(٩) اهو هن ڪري ٿيندو جو جيڪو (حق) الله تعاليٰ نازل ڪيو آهي تنهن کي هو ناپسند ٿا ڪن. سو الله تعاليٰ سندن عملن کي برباد ڪري ڇڏيندو.

اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ دَمَّرَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ۫ وَلِلْكٰفِرِيْنَ اَمْثَالُهَا ﴿١٠﴾

(١٠) ڇا هو زمين تي سير سفر نٿا ڪن ۽ نٿا ڏسن ته جي (ڪافر قومون) ڪانئن اڳي ٿي گذريون آهن تن جي پڇاڙي ڪهڙي نه خراب ٿي؟ الله تعاليٰ هنن کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ ڪافرن لاءِ اهي (تاريخي) مثال آهن. (يعني جيڪي به ڪفر ڪندا سي تباهه ٿيندا).

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ مَوْلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَاَنَّ الْكٰفِرِيْنَ لَا مَوْلٰى لَهُمْ ﴿١١﴾ ع

(١١) اهو هن ڪري آهي جو جيڪي (حق تي) ايمان ڪان ٿا تن جو يقيناً الله تعاليٰ نگهبان آهي ۽ جيڪي (الله جا) منڪر آهن تن جي لاءِ ڪوبه نگهبان يا مددگار ڪونهي.

رڪوع 3

**جنت جون نعمتون، دوزخ جا عذاب.**

اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَتَمَتَّعُوْنَ وَيَاْكُلُوْنَ كَمَا تَاْكُلُ الْاَنْعَامُ وَالنَّارُ مَثْوًى لَّهُمْ ﴿١٢﴾

(١٢) پڪ سان جن ايمان آندو آهي ۽ صالح عمل ڪيا اٿن تن کي الله تعاليٰ اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. ۽ جن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي (رڳو اهڙي طرح) گذران ڪن ٿا ۽ کائين پيئن ٿا جهڙيءَ طرح ڍورڍڳا کائن پيئن ٿا. انهن جي لاءِ (آخر) رهڻ جي جاءِ باهه ئي هوندي.

وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ هِىَ اَشَدُّ قُوَّةً مِّنْ قَرْيَتِكَ الَّتِىْٓ اَخْرَجَتْكَ ۚ اَهْلَكْنٰهُمْ فَلَا نَاصِرَ لَهُمْ ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ ڪيتريون ئي اهڙيون بستيون هيون جي تنهنجي شهر (مڪي) کان، جنهن مان تو کي (اي پيغمبر) ڪڍي ڇڏيو اٿن، گهڻو وڌيڪ طاقت واريون هيون. اسان انهن کي برباد ڪري ڇڏيو ۽ ڪوبه سندن مددگار ڪونه ٿيو. (سو هي مڪي جا ڪافر به جلد تباهه ڪيا ويندا).

اَفَمَنْ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ كَمَنْ زُيِّنَ لَهٗ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ وَاتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ ﴿١٤﴾

(١٤) پوءِ ڇا جيڪو (خدا جو ٻانهو) پنهنجي پروردگار وٽان مليل روشن دليل (۽ راهه) تي هلندڙ آهي سو انهن جي برابر ٿي سگهي ٿو جن کي پنهنجي عملن جون برائيون سهڻيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ جيڪي پنهنجين خواهشن جي پيروي ڪندڙ آهن؟ (هرگز نه).

مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِىْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ؕ فِيْهَآ اَنْهٰرٌ مِّنْ مَّآءٍ غَيْرِ اٰسِنٍ ۚ وَاَنْهٰرٌ مِّنْ لَّبَنٍ لَّمْ يَتَغَيَّرْ طَعْمُهٗ ۚ وَاَنْهٰرٌ مِّنْ خَمْرٍ لَّذَّةٍ

(١٥) اها جنت جنهن جو واعدو متقي ماڻهن کي ڏنو ويو آهي، تنهن جو مثال هن طرح آهي. ان ۾ اهڙي پاڻيءَ جون نهرون هونديون جو ڪڏهن به خراب ٿيڻو ناهي، ۽ اهڙي کير جون نهرون هونديون جنهن جو ذائقو ڪڏهن به نه ڦرندو ۽ اهڙي شراب (يا شربت) جون نهرون هونديون جو

لِّلشّٰرِبِيْنَ ۚ وَاَنْهٰرٌ مِّنْ عَسَلٍ مُّصَفًّى ۭ وَلَهُمْ فِيْهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ وَمَغْفِرَةٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ ۭ كَمَنْ هُوَ خَالِدٌ فِي النَّارِ وَسُقُوْا مَاۗءً حَمِيْمًا فَقَطَّعَ اَمْعَاۗءَهُمْ ﴿١٥﴾

پيئندڙن لاءِ عجيب لذت وارو هوندو ۽ پڻ صاف ماکيءَ جون نهرون هونديون. ۽ ان جنت ۾ جنتي ماڻهن لاءِ هر قسم جا ميوا (۽ نعمتون) هونديون ۽ (سڀني کان وڏي ڳالهه هيءَ ته) هنن کي پنهنجي پروردگار وٽان بخششون هونديون. (پوءِ اهڙا جنتي ماڻهو) انهن جي برابر هوندا ڇا جو هميشه لاءِ باهه ۾ رهندا ۽ جن کي ٽهڪندڙ پاڻي پياريو ويندو جو سندن آنڊا به وڍي وجهندو؟

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُ اِلَيْكَ ۚ حَتّٰٓى اِذَا خَرَجُوْا مِنْ عِنْدِكَ قَالُوْا لِلَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ مَاذَا قَالَ اٰنِفًا ۣ اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰي قُلُوْبِهِمْ وَاتَّبَعُوْٓا اَهْوَاۗءَهُمْ ﴿١٦﴾

(١٦) ۽ انهن (منافقن) مان کي اهڙا آهن جي (ظاهريءَ طرح) تنهنجون ڳالهيون ٻڌن ٿا، پر جڏهن تو وٽان اٿي ٻاهر وڃن ٿا ته تڏهن جن (مومن ماڻهن) کي صحيح علم ڏنو ويو آهي تن کان (مسخريءَ طور ۽ گمراهه ڪرڻ لاءِ) پڇن ٿا ته هن (يعني حضرت جن) ان وقت ڇا چيو؟ اهي ئي آهن جن جي دلين تي الله تعاليٰ مهر هڻي ڇڏي آهي ۽ جيڪي پنهنجين خواهشن جي پيروي ڪري رهيا آهن.

وَالَّذِيْنَ اهْتَدَوْا زَادَهُمْ هُدًى وَّاٰتٰىهُمْ تَقْوٰىهُمْ ﴿١٧﴾

(١٧) ۽ جن (سچي) هدايت واري واٽ ورتي آهي تن جي لاءِ الله تعاليٰ هدايت جي روشني وڌائيندو رهي ٿو ۽ انهن کي سندن تقويٰ عطا ڪري ٿو.

فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا السَّاعَةَ اَنْ تَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً ۚ فَقَدْ جَاۗءَ اَشْرَاطُهَا ۚ فَاَنّٰى لَهُمْ اِذَا جَاۗءَتْهُمْ ذِكْرٰىهُمْ ﴿١٨﴾

(١٨) پوءِ ڇا هي (ڪافر) انهيءَ ساعت جي لاءِ ترسيا ويٺا آهن جا مٿن اوچتو اچي ڪڙڪڻ واري آهي؟ ۽ هيءَ حقيقت آهي ته ان (تباهي جي) گهڙيءَ جون نشانيون اچي چڪيون آهن. پوءِ جڏهن اها گهڙي مٿن اچي ويندي تڏهن نصيحت وٺڻ هنن لاءِ ڪيئن ممڪن ٿيندو؟

فَاعْلَمْ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ۭ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مُتَقَلَّبَكُمْ وَمَثْوٰىكُمْ ﴿١٩﴾

(١٩) پوءِ (اي پيغمبر) يقين ڄاڻ ته الله تعاليٰ کان سواءِ ڪوبه معبود ڪونهي. ۽ پنهنجي تدبيري ڪوتاهين جي معافيءَ لاءِ دعا گهرندو رهه ۽ مومنن ۽ مومنياڻين جي لاءِ به (اهڙي دعا گهرندو رهه) ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ کي توهان جي گهمڻ ڦرڻ جون جايون ۽ رهڻ ٽڪڻ جون جايون چڱيءَ طرح معلوم آهن.

رڪوع 3

**لڙائيءَ جو حڪم ۽ منافقن جي ذهنيت.**

وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَوْلَا نُزِّلَتْ سُوْرَةٌ ۚ فَاِذَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ مُّحْكَمَةٌ وَّذُكِرَ فِيْهَا الْقِتَالُ ۙ رَاَيْتَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ يَّنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ نَظَرَ الْمَغْشِيِّ عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ ۭ فَاَوْلٰى لَهُمْ ﴿٢٠﴾

(٢٠) ۽ جن ايمان آندو آهي سو (خدا جي راهه ۾ سر ڏيڻ جي شوق منجهان) چئي رهيا آهن ته (لڙائي جي اجازت جي) سورة ڇو نٿي نازل ٿئي! پوءِ جڏهن صاف صاف سورة نازل ٿي آهي جنهن ۾ جنگ جو ذڪر ڪيل آهي (۽ اجازت يا حڪم ڏنو ويو آهي) تڏهن تون ڏسين ٿو ته جن (منافقن) جي دلين ۾ (ڪوٽ جو) مرض آهي سي توڏي اهڙيءَ نظر سان نهاري رهيا آهن جهڙيءَ (طرح) سڪرات ۾ پيل ماڻهو نهاريندو آهي. هنن جي لاءِ بهتر ۽ مناسب آهي.

طَاعَةٌ وَّقَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ فَاِذَا عَزَمَ الْاَمْرُ
فَلَوْ صَدَقُوا اللّٰهَ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ﴿٢١﴾

(٢١) (الله جي حڪمن جي) تابعداري ڪرڻ ۽ حق ۽ انصاف جا لفظ ڳالهائڻ، جڏهن ڪنهن ڪم جو پڪو ارادو ڪيو وڃي تڏهن هو (ان جي تعميل ۾) خدا سان سچا رهن ته ان ۾ سندن ئي لاءِ وڏي ڀلائي آهي.

فَهَلْ عَسَيْتُمْ اِنْ تَوَلَّيْتُمْ اَنْ تُفْسِدُوْا فِي
الْاَرْضِ وَتُقَطِّعُوْٓا اَرْحَامَكُمْ ﴿٢٢﴾

(٢٢) پوءِ اوهان بابت هي وڏو امڪان ناهي ڇا ته جيڪڏهن توهان حاڪم ٿيو (۽ مديني جي حڪومت اوهان جي هٿن ۾ هجي) ته توهان ملڪ ۾ فساد ۽ بگاڙو مچائي ڇڏيو ۽ مٽي مائٽيءَ جا سڀ لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيو (يعني مائٽن سان به ظلم ڪرڻ ۾ اڳرا رهو).

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فَاَصَمَّهُمْ وَاَعْمٰٓى
اَبْصَارَهُمْ ﴿٢٣﴾

(٢٣) اهي ئي آهن جن تي الله تعاليٰ لعنت ڪري ڇڏي آهي، (يعني پنهنجي رحمت کان محروم ڪري ڇڏيو آهي) سو ڪين ٻوڙو ڪري ڇڏيو اٿس ۽ سندن اکيون انڌيون ڪري ڇڏيون اٿس.

اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ اَمْ عَلٰى قُلُوْبٍ
اَقْفَالُهَا ﴿٢٤﴾

(٢٤) پوءِ هي ماڻهو قرآن مجيد ڪي سمجهڻ لاءِ عقل نٿا هلائين ڇا؟ يا (هيئن آهي ڇا ته) سندن دلين (۽ دماغن) تي قفل لڳي ويا آهن؟

اِنَّ الَّذِيْنَ ارْتَدُّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا
تَبَيَّنَ لَهُمُ الْهُدَى الشَّيْطٰنُ سَوَّلَ لَهُمْ وَ
اَمْلٰى لَهُمْ ﴿٢٥﴾

(٢٥) جيڪي ماڻهو ڇٽي هدايت ملڻ بعد به پنهنجي ڏيئي ڦري ويا آهن تن کان شيطان (سندن گمراهيءَ ۽ بدعملي) سولي ڪري ڏني آهي (يا ڪين ڀڙڪايو آهي ۽ سندن عمل سهڻو ڪري ڏيکاريو اٿس) ۽ هنن کي (دنيائي نعمتن جون) وڏيون اميدون ڏنيون اٿس. (اهي اميدون غلط ۽ ڪوڙيون ثابت ٿينديون.)

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْا لِلَّذِيْنَ كَرِهُوْا مَا نَزَّلَ
اللّٰهُ سَنُطِيْعُكُمْ فِيْ بَعْضِ الْاَمْرِ وَاللّٰهُ
يَعْلَمُ اِسْرَارَهُمْ ﴿٢٦﴾

(٢٦) اهو هن ڪري آهي جو اهي (منافق) انهن (ڪافرن) کي چون ٿا جيڪي، جيڪي الله تعاليٰ نازل ڪيو آهي، تنهن کي ناپسند ڪن ٿا، اسان ڪن ڳالهين ۾ توهان جي تابعداري ڪنداسين، پر (اهي بيوقوف منافق نٿا ڄاڻن ته) الله تعاليٰ سندن سڀ راز ۽ (مخفي غداريون) چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو (۽ ڪين خوار خراب ڪندو).

فَكَيْفَ اِذَا تَوَفَّتْهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ يَضْرِبُوْنَ
وُجُوْهَهُمْ وَاَدْبَارَهُمْ ﴿٢٧﴾

(٢٧) پوءِ سندن ڪهڙو حال ٿيندو جڏهن ملائڪ موت وقت سندن روح قبض ڪندا ۽ سندن منهن ۾ پٺين تي ڌڪ هڻندا؟

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ اتَّبَعُوْا مَآ اَسْخَطَ اللّٰهَ وَكَرِهُوْا
رِضْوَانَهٗ فَاَحْبَطَ اَعْمَالَهُمْ ﴿٢٨﴾

(٢٨) اهو هن ڪري ٿيندو جو هنن اهڙين ڳالهين جي پيروي ڪئي جن الله تعاليٰ کي ناراض پئي ڪيو ۽ الله تعاليٰ جي راضپي کي ناپسند ڪيائون تنهن ڪري الله تعاليٰ سندن عمل ضايع ڪري ڇڏيا (۽ هنن کي هر طرح محروم ڪري ڇڏيو).

رڪوع 4

**الله جي راهه ۾ جهاد ڪيو ته الله توهان جو مددگار آهي.**

اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ اَنْ لَّنْ
يُّخْرِجَ اللّٰهُ اَضْغَانَهُمْ ﴿٢٩﴾

(٢٩) جن (منافقن) جي دلين ۾ (کوٽ جو) مرض آهي سي هيئن ٿا سمجهن ڇا ته الله تعاليٰ سندن بغض ۾ ڪينو ظاهر نه ڪندو؟

وَ لَوْ نَشَآءُ لَاَرَيْنٰكَهُمْ فَلَعَرَفْتَهُمْ بِسِيْمٰهُمْ ؕ وَ لَتَعْرِفَنَّهُمْ فِيْ لَحْنِ الْقَوْلِ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ اَعْمَالَكُمْ ﴿٣٠﴾

(٣٠) جيڪڏهن اسان چاهيون ها تہ توکي (اي پيغمبر!) اهي منافق اهڙيءَ طرح ڏيکاري ڇڏيون ها جو سندن نشانين مان کين سڃاڻي وٺين ها. پر يقيناً تون ڳالهائڻ جي ڍنگ مان کين سڃاڻي سگهين ٿو. ۽ الله تعاليٰ کي اوهان جا سڀ عمل معلوم آهن.

وَ لَنَبْلُوَنَّكُمْ حَتّٰى نَعْلَمَ الْمُجٰهِدِيْنَ مِنْكُمْ وَ الصّٰبِرِيْنَ ۙ وَ نَبْلُوَاْ اَخْبَارَكُمْ ﴿٣١﴾

(٣١) ۽ اسان اوهان کي ضرور (عملن ۾) آزمائينداسين، تان جو ظاهرظهور خبر پئجي وڃي تہ اوهان مان ڪهڙا مجاهد (يعني بي انتها ڪوشش ڪندڙ) ۽ (مشڪلاتن ۽ تڪليفن ۾ بہ حق جي راهہ تي) ثابت قدم رهندڙ آهن. ۽ اسان توهان جي (همت ۽ مردانگي جي) خبرن جي آزمائش وٺنداسين.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ صَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ شَآقُّوا الرَّسُوْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْهُدٰى ۙ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَيْـًٔا ؕ وَ سَيُحْبِطُ اَعْمَالَهُمْ ﴿٣٢﴾

(٣٢) جيڪي ماڻهو هدايت جي حقي واٽ چٽي ٿيڻ بعد بہ ڪفر جي واٽ وٺن ٿا ۽ (ماڻهن کي) الله جي راهہ کان روڪين ٿا ۽ حضرت رسول ﷺ جي مخالفت ڪندا رهن ٿا، سي الله تعاليٰ (جي مقصد) کي ڪجهہ بہ نقصان پهچائي نہ سگهندا ۽ هو سندن عمل ضايع ڪري ڇڏيندو (يعني ڪافر ڪامياب ڪونہ ٿيندا ۽ حق غالب پوندو).

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَ لَا تُبْطِلُوْۤا اَعْمَالَكُمْ ﴿٣٣﴾

(٣٣) اي مومنو! الله جي فرمانبرداري ڪيو ۽ حضرت رسول (ﷺ) جي فرمانبرداري ڪيو ۽ پنهنجا عمل ضايع نہ ڪري ڇڏيو.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ صَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ مَاتُوْا وَ هُمْ كُفَّارٌ فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ﴿٣٤﴾

(٣٤) جيڪي ماڻهو ڪفر جي واٽ وٺن ٿا ۽ (ماڻهن کي) الله جي راهہ کان روڪين ٿا ۽ پوءِ ڪفر جي حالت ۾ مري وڃن ٿا تن کي الله تعاليٰ هرگز ڪونہ بخشيندو.

فَلَا تَهِنُوْا وَ تَدْعُوْۤا اِلَى السَّلْمِ ۖۗ وَ اَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ ۖۗ وَ اللّٰهُ مَعَكُمْ وَ لَنْ يَّتِرَكُمْ اَعْمَالَكُمْ ﴿٣٥﴾

(٣٥) سو (اي مسلمانو حق کي غالب ڪرڻ لاءِ جهاد ڪرڻ ۾) همت نہ هاريو ۽ تيستائين صلح ڏي نہ سڏيو جيستائين توهان سر بلند (۽ غالب) ٿي وڃو، ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ اوهان سان (شامل ۽ مددگار) آهي ۽ هو هرگز اوهان جي عملن ۾ اوهان کي نقصان ڪونہ پهچائيندو. (يعني اوهان جي نيڪ عملن جو اوهان کي پورو پورو فائدو ملندو).

اِنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّ لَهْوٌ ؕ وَ اِنْ تُؤْمِنُوْا وَ تَتَّقُوْا يُؤْتِكُمْ اُجُوْرَكُمْ وَ لَا يَسْـَٔلْكُمْ اَمْوَالَكُمْ ﴿٣٦﴾

(٣٦) يقيناً هن دنيا جي زندگي (حق تي هلڻ کان سواءِ) رڳو کيل تماشو آهي (۽ ٿورن ڏينهن واري زندگي آهي) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪڏهن توهان (قرآني نظام تي) يقين رکو ۽ (ان موجب) نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ جا ڪم ڪيو تہ الله تعاليٰ اوهان کي وڏا اجورا (۽ فائدا) ڏيندو ۽ توهان کان توهان جا مال ملڪيتون ڪونہ گهرندو.

اِنْ يَّسْـَٔلْكُمُوْهَا فَيُحْفِكُمْ تَبْخَلُوْا وَ

(٣٧) جيڪڏهن الله تعاليٰ توهان تي ان بابت زور رکي (جيئن ظالم

يُخْرِجْ أَضْغَانَكُمْ ﴿٣٧﴾

سرڪار زور سان حد کان ٻاهر گهڻو مال وٺندي آهي) ته پوءِ توهان بخل ڪندؤ (۽ مال لڪائيندؤ) ۽ الله تعاليٰ اوهان جو ڪينو يا رنجيدگي ظاهر ڪري وجهندو.

هَا أَنْتُمْ هَٰؤُلَاءِ تُدْعَوْنَ لِتُنْفِقُوا فِي سَبِيلِ اللَّهِ فَمِنْكُمْ مَنْ يَبْخَلُ ۖ وَمَنْ يَبْخَلْ فَإِنَّمَا يَبْخَلُ عَنْ نَفْسِهِ ۚ وَاللَّهُ الْغَنِيُّ وَأَنْتُمُ الْفُقَرَاءُ ۚ وَإِنْ تَتَوَلَّوْا يَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ ثُمَّ لَا يَكُونُوا أَمْثَالَكُمْ ﴿٣٨﴾

(٣٨) توهان اهي آهيو جن کي دعوت ڏني وڃي ٿي ته الله جي راهه ۾ (يعني حق ۽ انصاف قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجو مال دل و جان سان) خرچ ڪيو. پر توهان مان ڪي اهڙا آهن جيڪي بخل ٿا ڪن، پر (ياد رکو ته) جيڪي بخل ڪن ٿا سي پنهنجي ئي نقصان ۾ بخل ڪن ٿا (يعني ان ۾ سندن ئي نقصان آهي) ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ ته غني آهي (ڪيس ڪنهن به شي جو احتياج ڪونهي) ۽ توهان ئي آهيو جيڪي گهرج وارا آهيو. جيڪڏهن توهان (حق جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ کان) منهن موڙيندو ته (توهان پاڻ برباد ٿيندو) الله تعاليٰ اوهان جي جاءِ تي ٻيا (نيڪ) ماڻهو آڻيندو. پوءِ اهي اوهان وانگر (بخيل) نه ٿيندا.

## سورة الفتح — مدني

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

رکوع 1

**زمين ۽ آسمان جا لشڪر الله جا ئي آهن، پيغمبر جي بيعت الله جي بيعت آهي.**

إِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُبِينًا ﴿١﴾

(١) (اي پيغمبر!) بيشڪ اسان توکي فتح ڏني آهي، چٽي ۽ صاف فتح.

لِيَغْفِرَ لَكَ اللَّهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِكَ وَمَا تَأَخَّرَ وَيُتِمَّ نِعْمَتَهُ عَلَيْكَ وَيَهْدِيَكَ صِرَاطًا مُسْتَقِيمًا ﴿٢﴾

(٢) انهيءَ لاءِ ته الله تعاليٰ تنهنجون اڳوڻيون (تدبيري) ڪوتاهيون ۽ جيڪي پوءِ ٿيٽيون آهن، سي سڀ ڍڪي ڇڏي (يعني انهن جو اثر پيدا نه ٿئي) ۽ توتي پنهنجي نعمت پوري ڪري (يعني توکي انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ) سڌي واٽ ڏيکاري ڇڏي.

وَيَنْصُرَكَ اللَّهُ نَصْرًا عَزِيزًا ﴿٣﴾

(٣) ۽ الله تعاليٰ توکي اهڙي مدد ڪري جا وڏي زبردست مدد هجي.

هُوَ الَّذِي أَنْزَلَ السَّكِينَةَ فِي قُلُوبِ الْمُؤْمِنِينَ لِيَزْدَادُوا إِيمَانًا مَعَ إِيمَانِهِمْ ۗ وَلِلَّهِ جُنُودُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۚ وَكَانَ اللَّهُ عَلِيمًا حَكِيمًا ﴿٤﴾

(٤) ۽ اهوئي آهي جنهن مومنن جي دلين ۾ تسلي ۽ اطمينان وڌو انهيءَ لاءِ ته سندن پڪي ايمان ۾ اڃا به يقين جو واڌارو ڪري، (۽ ياد رکو ته) آسمانن ۽ زمين جا لشڪر سڀ الله جا آهن ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت رکندڙ آهي.

لِيُدْخِلَ الْمُؤْمِنِينَ وَالْمُؤْمِنَاتِ جَنَّاتٍ تَجْرِي مِنْ تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ خَالِدِينَ فِيهَا وَيُكَفِّرَ عَنْهُمْ سَيِّئَاتِهِمْ ۚ وَكَانَ ذَٰلِكَ عِنْدَ اللَّهِ فَوْزًا عَظِيمًا ﴿٥﴾

(٥) (اهو اطمينان جو نازل ڪيائين سو) هن لاءِ ته مومنن ۽ مومنياڻين کي جنت ۾ داخل ڪري جنهن جي هيٺان نهرون وهي رهيون هجن ۽ جنهن ۾ هو هميشه لاءِ رهن ۽ سندن اوڻيون ۽ تڪليفون ڪائڻ دور ڪري ڇڏي. الله تعاليٰ جي نظر ۾ اها تمام وڏي ڪاميابي آهي.

وَّيُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَ
الْمُشْرِكِيْنَ وَالْمُشْرِكٰتِ الظَّآنِّيْنَ بِاللّٰهِ ظَنَّ
السَّوْءِ ؕ عَلَيْهِمْ دَآىِٕرَةُ السَّوْءِ ۚ وَغَضِبَ اللّٰهُ
عَلَيْهِمْ وَلَعَنَهُمْ وَاَعَدَّ لَهُمْ جَهَنَّمَ ؕ وَ
سَآءَتْ مَصِيْرًا ۝٦

(٦) ۽ هن لاءِ (اطمينان نازل ڪيائين) تہ منافق مردن ۽ منافق عورتن، مشرڪ مردن ۽ مشرڪ عورتن کي جيڪي الله تعاليٰ بابت بدگمانيون ڪندا رهيا آهن تن کي جوڳي سزا ڏئي، انهن کي خرابيءَ جو چڪر ويڙهي ويو آهي، ۽ الله تعاليٰ جو غضب مٿن پئجي چڪو آهي، ۽ هن مٿن لعنت وڌي آهي ۽ هنن جي لاءِ جنم تيار ڪري رکيو آهي. اهو ڪهڙو نہ خراب ٺڪاڻو آهي.

وَلِلّٰهِ جُنُوْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ
عَزِيْزًا حَكِيْمًا ۝٧

(٧) ۽ آسمانن ۽ زمين جا سڀ لشڪر الله ئي جا آهن، ۽ الله تعاليٰ وڏي طاقت ۽ حڪمت وارو آهي.

اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ۝٨

(٨) يقيناً اسان توکي (اي پيغمبر حق جي) شاهدي ڏيندڙ ڪري موڪليو آهي ۽ (نيڪ عمل ڪندڙن لاءِ ڪاميابيءَ جي) خوشخبري ڏيندڙ ۽ (بدعملن جي بدنتيجن بابت) خبردار ڪندڙ ڪري موڪليو آهي.

لِّتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتُعَزِّرُوْهُ وَ
تُوَقِّرُوْهُ ؕ وَتُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ۝٩

(٩) انهيءَ لاءِ تہ اوهان (انسان) الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيو (يعني قرآن مجيد جي تعليم قبول ڪيو) ۽ الله جي (دين قائم ڪرڻ ۾ سندس) مدد ڪيو ۽ سندس تعظيم ڪيو ۽ صبح توڙي شام (يعني هر وقت) سندس شان ۽ پاڪائي بيان ڪرڻ ۾ سرگرم رهو (يعني سندس نظام قائم ڪرڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ۽ ڪوششون ڪندا رهو).

اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ ؕ
يَدُ اللّٰهِ فَوْقَ اَيْدِيْهِمْ ۚ فَمَنْ نَّكَثَ فَاِنَّمَا
يَنْكُثُ عَلٰى نَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ اَوْفٰى بِمَا عٰهَدَ
عَلَيْهُ اللّٰهَ فَسَيُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ۝١٠

(١٠) يقيناً اهي (مومن) جيڪي تنهنجي بيعت ڪري رهيا آهن سي يقيناً الله جي ئي بيعت ڪري رهيا آهن. الله جو هٿ هنن جي هٿن جي مٿان آهي. پوءِ جيڪو پنهنجو (قسم تي ڏنل) عهد ٽوڙيندو سو ان جي ٽوڙڻ سان پنهنجو ئي نقصان ڪندو، ۽ جيڪو اهو عهد پاڙيندو جو هن الله تعاليٰ سان ڪيو آهي تنهن کي الله تعاليٰ تمام وڏو اجر ۽ انعام ڏيندو.

رکوع 2

**جهاد ۾ عذر ڪندڙن جي ذهنيت.**

سَيَقُوْلُ لَكَ الْمُخَلَّفُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ
شَغَلَتْنَآ اَمْوَالُنَا وَاَهْلُوْنَا فَاسْتَغْفِرْ لَنَا ۚ
يَقُوْلُوْنَ بِاَلْسِنَتِهِمْ مَّا لَيْسَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ ؕ
قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ لَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْــًٔا اِنْ اَرَادَ
بِكُمْ ضَرًّا اَوْ اَرَادَ بِكُمْ نَفْعًا ؕ بَلْ كَانَ اللّٰهُ
بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ۝١١

(١١) ٻهراڙيءَ جي عربن مان جيڪي پٺتي رهجي پيا (۽ حديبيہ واري سفر ۾ شامل نہ ٿيا) سي (تنهن جي مديني موٽڻ بعد ڪوڙا عذر ٺاهي) چوندا تہ اسان کي مال ۽ اهل اولاد (يعني رڍن ٻڪرين ۽ ٻارن ٻچن جي سنڀال) مشغول رکيو (تنهن ڪري سفر ۾ شريڪ نہ ٿي سگهياسين) سو اسان جي خطا جي بخشش لاءِ دعا گهر. اهي (اعرابي) ماٺهو پنهنجي زبان سان اهي ڳالهيون چوندا جي سندن دلين ۾ ناهن، (اي پيغمبر!) کين چئي ڏي تہ، جيڪڏهن الله تعاليٰ توهان کي ڪو نقصان پهچائڻ يا نفعو پهچائڻ جو ارادو ڪري تہ پوءِ ڪنهن کي طاقت آهي جو اوهان جي لاءِ الله

وٺ ڪجھ ڪري سگھي. (توهان جيڪي سمجھيو آهي سو غلط آهي) حقيقت ھيءَ آهي تہ توهان جيڪي بہ ڪيو ٿا تنهن جي الله تعاليٰ کي پوري پوري خبر آهي.

بَلْ ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّنْقَلِبَ الرَّسُوْلُ وَ الْمُؤْمِنُوْنَ اِلٰٓى اَهْلِيْهِمْ اَبَدًا وَّ زُيِّنَ ذٰلِكَ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَ ظَنَنْتُمْ ظَنَّ السَّوْءِ ۚۖ وَ كُنْتُمْ قَوْمًۢا بُوْرًا ﴿١٢﴾

(١٢) (ڳالھ ائين ناهي تہ توهان مشغول هئو) بلڪ حقيقت ھيءَ آهي تہ توهان ڀانئيو هو تہ، حضرت رسول ﷺ ۽ مومن ڪڏهن بہ پنهنجن ٻارن ٻچن ڏي ڪونہ موٽندا (ڇو تہ مڪي جا ڪافر ڪن کي قتل ڪري ڇڏيندا تہ ڪن کي گرفتار ڪري غلام بنائيندا) ۽ اهو خيال ۽ اها ڳالھ توهان جي دلين کي ڏاڍي وڻي پئي. توهان ڏاڍو خراب خيال ڪيو هو، سو توهان برباد ٿيڻ وارا آهيو.

وَمَنْ لَّمْ يُؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ فَاِنَّآ اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ سَعِيْرًا ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي بہ الله ۽ سندس رسول تي ايمان نٿا رکن (سي ڪافر آهن) سو اسان يقيناً ڪافرن جي لاءِ سخت ڀڙڪندڙ باھ تيار ڪري رکي آهي.

وَ لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٤﴾

(١٤) ۽ (ياد رکو تہ) آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي فقط الله جي آهي. هو جنهن کي چاهي تنهن کي بخشي ڇڏي ٿو ۽ جنهن کي چاهي تنهن کي سزا ڏئي ٿو، ۽ الله تعاليٰ غفور ۽ رحيم آهي.

سَيَقُوْلُ الْمُخَلَّفُوْنَ اِذَا انْطَلَقْتُمْ اِلٰى مَغَانِمَ لِتَاْخُذُوْهَا ذَرُوْنَا نَتَّبِعْكُمْ ۚ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّبَدِّلُوْا كَلٰمَ اللّٰهِ ؕ قُلْ لَّنْ تَتَّبِعُوْنَا كَذٰلِكُمْ قَالَ اللّٰهُ مِنْ قَبْلُ ۚ فَسَيَقُوْلُوْنَ بَلْ تَحْسُدُوْنَنَا ؕ بَلْ كَانُوْا لَا يَفْقَهُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٥﴾

(١٥) جيڪي ماڻھو (حديبيہ جي سفر وقت) پٺتي ويهي رهيا هئا سي، جڏهن توهان مومن اهڙي جهاد لاءِ نڪري پوندو جنهن ۾ غنيمت جو مال ملڻ جو امڪان آهي تڏهن چوندا تہ اسان کي بہ پاڻ سان هلڻ ڏيو. اهي ماڻھو الله جي حڪم کي مٽائڻ ٿا گھرن. (اي پيغمبر انهن کي) چئو تہ، اهڙيءَ حالت ۾ (يعني غنيمت جي مال جي حاصل ڪرڻ جي نيت سان) اوهان کي هرگز پاڻ سان هلڻ ڪونہ ڏينداسين. الله تعاليٰ اڳئي اهڙو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. پوءِ هو چوندا تہ، (الله جو نالو تہ هونئن ئي ٿا وچ ۾ آڻيو) حقيقت ھيءَ آهي تہ توهان اسان سان حسد ٿا رکو (تنهن ڪري اسان کي پاڻ سان شامل نٿا ڪيو)، پر سچي حقيقت ھيءَ آهي تہ اهي ماڻھو (خود غرضيءَ جي ڳالهين کان سواءِ) ٻيو ڪجھ بہ نٿا سمجھن.

قُلْ لِّلْمُخَلَّفِيْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ سَتُدْعَوْنَ اِلٰى قَوْمٍ اُولِيْ بَاْسٍ شَدِيْدٍ تُقَاتِلُوْنَهُمْ اَوْ يُسْلِمُوْنَ ۚ فَاِنْ تُطِيْعُوْا يُؤْتِكُمُ اللّٰهُ اَجْرًا حَسَنًا ۚ وَ اِنْ تَتَوَلَّوْا كَمَا تَوَلَّيْتُمْ مِّنْ قَبْلُ يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٦﴾

(١٦) ٻهراڙيءَ جي بدوين مان جيڪي (حديبيہ جي سفر وقت) پٺتي رهجي پيا هئا تن کي (اي پيغمبر) چئو تہ، جلد اوهان کي اهڙن ماڻھن (سان لڙائي ڪرڻ) لاءِ سڏيو ويندو جيڪي سخت جنگ ڪندڙ آهن. توهان انهن سان جنگ ڪندا رهندو، جيستائين هو (اسلامي نظام جي) تابعداري ڪن. سو جيڪڏهن توهان فرمانبرداري ڪندو (يعني اسان جو حڪم مڃي انهن جنگين ۾ شريڪ ٿيندو) تہ پوءِ الله تعاليٰ اوهان کي

چڱو اجر ڏيندو (يعني غنيمت جو مال به ملندو ۽ آخرت ۾ بهشت به ملندو. بشرطيڪ سچي نيت سان شريڪ ٿيندؤ) پر جيڪڏهن توهان منهن موڙيندؤ جيئن اڳي (حديبيه جي سفر وقت) منهن موڙيو هيوَ ته پوءِ الله تعاليٰ اوهان کي دردناڪ عذاب واري سخت سزا ڏيندو.

لَيْسَ عَلَى الْاَعْمٰى حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْاَعْرَجِ حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْمَرِيْضِ حَرَجٌ ؕ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ وَمَنْ يَّتَوَلَّ يُعَذِّبْهُ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿۱۷﴾

(١٧) انڌي تي ڪا ميار ڪانهي، نڪي منڊي تي، نڪي بيمار تي (جيڪڏهن هو لڙائي ۾ شريڪ نه ٿئي) ۽ (ياد رکو ته) جيڪو به الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪندو تنهن کي الله تعاليٰ اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن، ۽ جيڪو به (اطاعت کان) منهن موڙيندو تنهن کي الله تعاليٰ دردناڪ عذاب جي سخت سزا ڏيندو.

رڪوع 3

**حديبيه جو صلح فتح آهي. آئينده بيون ٽيٽيون آهن.**

لَقَدْ رَضِيَ اللّٰهُ عَنِ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ فَعَلِمَ مَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ فَاَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ عَلَيْهِمْ وَاَثَابَهُمْ فَتْحًا قَرِيْبًا ﴿۱۸﴾

(١٨) (اي پيغمبر!) الله تعاليٰ مومنن جي هن جماعت کان ڏاڍو راضي ٿيو آهي. جو هنن هن وڻ جي هيٺان ويهي تنهنجي بيعت ڪئي آهي (ته اسان مڪي جي ڪافرن سان وڙهڻ لاءِ دل و جان سان تيار آهيون) ۽ الله تعاليٰ کي سندن دلين (جي سچائيءَ) جو حال پوريءَ طرح معلوم هو. تنهن ڪري الله تعاليٰ (ان وقت) انهن جي دلين ۾ تسلي ۽ بي ڊپائي (جي لهر) پيدا ڪري ڇڏي ۽ کين هڪڙي ويجهي فتح بروقت عطا فرمائي.

وَّمَغَانِمَ كَثِيْرَةً يَّاْخُذُوْنَهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿۱۹﴾

(١٩) ۽ (ان فتح سان گڏ) گهڻيون ئي غنيمتون به ڏنائين جي هي (مسلمان وڏي خوشيءَ سان) وٺي رهيا آهن، ۽ الله تعاليٰ وڏو زبردست طاقت، حڪمت ۽ دانائيءَ وارو آهي.

وَعَدَكُمُ اللّٰهُ مَغَانِمَ كَثِيْرَةً تَاْخُذُوْنَهَا فَعَجَّلَ لَكُمْ هٰذِهٖ وَكَفَّ اَيْدِيَ النَّاسِ عَنْكُمْ ۚ وَلِتَكُوْنَ اٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ وَيَهْدِيَكُمْ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿۲۰﴾

(٢٠) الله تعاليٰ اوهان سان گهڻين ئي (اهڙين) غنيمتن جو واعدو ڪري ڇڏيو آهي جي توهان (ايندڙ وقتن ۾) حاصل ڪندو. في الحال هيءَ غنيمت توهان کي تڪڙي ڏني اٿس، ۽ (ڪافرن دشمن) ماڻهن جا هٿ توهان (کي قتل ڪرڻ) کان روڪيا اٿس، ۽ اهو هن لاءِ (ڪيو اٿس) ته (اهو واقعو) مومنن جي لاءِ هڪ نشاني ٿئي ۽ هن لاءِ ته الله تعاليٰ اوهان کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) سڌي واٽ ڏانهن رهنمائي ڪري.

وَّاُخْرٰى لَمْ تَقْدِرُوْا عَلَيْهَا قَدْ اَحَاطَ اللّٰهُ بِهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرًا ﴿۲۱﴾

(٢١) ۽ هڪ ٻي فتح به (اوهان کي ملڻي آهي) جا هاڻي اوهان جي قبضي کان ٻاهر آهي. پر اها الله تعاليٰ جي قدرت ۽ قبضي ۾ آهي ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ هر شيءِ تي قادر آهي.

وَلَوْ قٰتَلَكُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوَلَّوُا الْاَدْبَارَ ثُمَّ لَا يَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿۲۲﴾

(٢٢) ۽ جيڪڏهن توهان سان اهي ماڻهو، جن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي آهي، ڪٿي لڙائي ڪن به ها ته به (يقيناً) پٺي ڏئي ڀڄي وڃن ها، (۽)

پوءِ انهن کي ڪو يار ۽ مددگار ڪونہ لڀي ها (يعني سر لڪائڻ لاءِ ڪٿي بہ پناهہ نہ ملين ها).

سُنَّةَ اللَّهِ الَّتِي قَدْ خَلَتْ مِن قَبْلُ ۖ وَلَن تَجِدَ لِسُنَّةِ اللَّهِ تَبْدِيلًا ﴿٢٣﴾

(٢٣) اهو خدا جو اهو طريقو آهي، ۽ (اي پيغمبر!) تون خدا جي طريقي ۾ ڪابہ ڦيرقار نہ ڏسندين. (يعني خدا جو قانون فتح يا سزا ڏيڻ جو هميشہ عمل ۾ ايندو رهندو).

وَهُوَ الَّذِي كَفَّ أَيْدِيَهُمْ عَنكُمْ وَأَيْدِيَكُمْ عَنْهُم بِبَطْنِ مَكَّةَ مِن بَعْدِ أَنْ أَظْفَرَكُمْ عَلَيْهِمْ ۚ وَكَانَ اللَّهُ بِمَا تَعْمَلُونَ بَصِيرًا ﴿٢٤﴾

(٢٤) ۽ اهوئي آهي جنهن مڪي جي ويجهڙائيءَ ۾ (يعني حديبيہ وٽ) اوهان جي هٿن کي هنن (جي قتل) کان ۽ هنن جي هٿن کا اوهان جي (قتل) کان پري رکيو، انهيءَ کان پوءِ جو هن اوهان (مسلمانن) کي هنن (ڪافرن) تي غلبو ڏنو، ۽ الله تعاليٰ (ان وقت بہ) اوهان جي ڪمن کي ڏسي رهيو آهي.

هُمُ الَّذِينَ كَفَرُوا وَصَدُّوكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَالْهَدْيَ مَعْكُوفًا أَن يَبْلُغَ مَحِلَّهُ ۚ وَلَوْلَا رِجَالٌ مُّؤْمِنُونَ وَنِسَاءٌ مُّؤْمِنَاتٌ لَّمْ تَعْلَمُوهُمْ أَن تَطَئُوهُمْ فَتُصِيبَكُم مِّنْهُم مَّعَرَّةٌ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۖ لِّيُدْخِلَ اللَّهُ فِي رَحْمَتِهِ مَن يَشَاءُ ۚ لَوْ تَزَيَّلُوا لَعَذَّبْنَا الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْهُمْ عَذَابًا أَلِيمًا ﴿٢٥﴾

(٢٥) (اي مسلمانو) هي اهي ماڻهو اٿوَ جن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي ۽ اوهان کي (عمرو ڪرڻ کان باز رکڻ لاءِ) ڪعبت الله (ڏي وڃڻ) کان روڪيو ۽ پڻ قربانيءَ جي جانورن کي سندن خاص (قربانيءَ واري) جاءِ تي پهچڻ نہ ڏنو، ۽ جيڪڏهن (مڪي ۾) ڪي مومن ۽ ڪي مومنياڻيون نہ هجن ها، جن جي اوهان کي خبر بہ ڪانہ هئي (تہ اهي سچا مومن ۽ مومنياڻيون آهن) (يعني) جيڪڏهن انهن (مڪي جي مسلمانن) جي سببان اوهان کي بي خبريءَ ۾ نقصان پهچي ها (تہ الله تعاليٰ اوهان کي مڪي ۾ داخل ڪري ها ۽ توهان ڪافرن سان گڏ ڪن مسلمانن کي بہ قتل ڪري وجهو ها. پر الله تعاليٰ ائين نہ ڪيو) انهيءَ لاءِ تہ الله تعاليٰ جنهن کي چاهي تنهن کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪري. جيڪڏهن اهي (مظلوم مسلمان مڪي ۾ ڪٿي) جدا ٿي وڃن ها تہ اسان انهن ماڻهن کي جن ڪفر جي واٽ ورتي هئي دردناڪ عذاب ۾ وجهون ها (يعني اهي ڪافر انهيءَ عذاب کان هن ڪري بچي ويا جو مڪي ۾ ڪي مسلمان بہ موجود هئا جن جي ڪري عذاب نازل نہ ڪيو ويو.).

إِذْ جَعَلَ الَّذِينَ كَفَرُوا فِي قُلُوبِهِمُ الْحَمِيَّةَ حَمِيَّةَ الْجَاهِلِيَّةِ فَأَنزَلَ اللَّهُ سَكِينَتَهُ عَلَىٰ رَسُولِهِ وَعَلَى الْمُؤْمِنِينَ وَأَلْزَمَهُمْ كَلِمَةَ التَّقْوَىٰ وَكَانُوا أَحَقَّ بِهَا وَأَهْلَهَا ۚ وَكَانَ اللَّهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمًا ﴿٢٦﴾

(٢٦) (اي مسلمانو!) جڏهن هنن ڪافرن پنهنجي دلين ۾ جوش ۽ ضد کي جاءِ ڏني (جوش ۽ ضد بہ ڪهڙو؟) جاهليت جي زماني وارو. تڏهن (ان جي مقابلي ۾) الله تعاليٰ پنهنجي رسول ۽ مسلمانن تي تسلي ۽ اطيمنان نازل ڪيو ۽ انهن کي تقويٰ (يعني پاڻ تي ضابطو رکڻ) جي ڳالهہ تي محڪم ڪري رکيو، ۽ اهي (يعني رسول ﷺ ۽ مسلمان في الحقيقت) ان جا وڌيڪ لائق ۽ حقدار بہ آهن، ۽ (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ هر شيءِ ۽ هر ڳالهہ جو علم رکي ٿو.

## رکوع 4

**دين اسلام کي غلبو ٿيڻ تي مومن خوش آهن، ڪافر ساڙ ۽ حيرانيءَ ۾ مبتلا آهن.**

لَقَدْ صَدَقَ اللّٰهُ رَسُوْلَهُ الرُّءْيَا بِالْحَقِّ ۚ
لَتَدْخُلُنَّ الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ
اٰمِنِيْنَ ۙ مُحَلِّقِيْنَ رُءُوْسَكُمْ وَ مُقَصِّرِيْنَ ۙ لَا
تَخَافُوْنَ ؕ فَعَلِمَ مَا لَمْ تَعْلَمُوْا فَجَعَلَ مِنْ
دُوْنِ ذٰلِكَ فَتْحًا قَرِيْبًا ﴿٢٧﴾

(٢٧) بيشڪ الله تعاليٰ پنهنجي رسول کي سچو خواب ڏيکاريو آهي، جو واقعي جي (بلڪل) مطابق آهي تہ توهان (مسلمان) انشاء الله مسجد الحرام (يعني مڪي) ۾ امن امان سان ضرور داخل ٿيندؤ. توهان مان ڪن جا مٿا ڪوڙيل هوندا تہ ڪن جا وار ڪتريل هوندا. توهان کي ڪنهن بہ قسم جو خوف خطرو ڪونہ هوندو. الله تعاليٰ انهن ڳالهين کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو جن کي توهان ڪونہ ٿا ڄاڻو. وري (هيءَ حقيقت آهي تہ) الله تعاليٰ اوهان کي هڪ ويجهي (تڪڙي) فتح ڏني آهي.

هُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ
الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ؕ وَ كَفٰى
بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ؕ﴿٢٨﴾

(٢٨) اهوئي آهي جنهن پنهنجي رسول کي صحيح دين (يعني زندگيءَ جو صحيح نظام) ۽ سچي هدايت ڏيئي (دنيا ۾) موڪليو آهي، انهيءَ لاءِ تہ ان (دين) کي سڀني دين (يعني ٻين نظامن) تي غالب ڪري ڇڏي، ۽ الله ئي (اسلام جي حق ۽ سچائيءَ بابت) ڪافي شاهد آهي.

مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗٓ اَشِدَّآءُ
عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا
سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَ
رِضْوَانًا ؗ سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ
السُّجُوْدِ ؕ ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ ۚۖۛ وَ
مَثَلُهُمْ فِي الْاِنْجِيْلِ ۚ۟ كَزَرْعٍ اَخْرَجَ شَطْئَهٗ
فَاٰزَرَهٗ فَاسْتَغْلَظَ فَاسْتَوٰى عَلٰى سُوْقِهٖ
يُعْجِبُ الزُّرَّاعَ لِيَغِيْظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ ؕ
وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ
مِنْهُمْ مَّغْفِرَةً وَّ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٢٩﴾ ع

(٢٩) حضرت محمد (ﷺ) الله جو رسول ۽ جيڪي ساڻس گڏ (سچا ۽ پاڪ مومن) آهن (تن جي وڏي خصوصيت هيءَ آهي تہ) هو حق کان انڪار ڪرڻ وارن لاءِ (جبل جهڙا) سخت آهن، پر هڪٻئي سان سراسر رحم (۽ شفقت همدردي ۽ محبت) سان ڀرپور آهن. (هو دنيا ۾ ڪنهن بہ طاغوتي طاقت جي اڳيان نٿا جهڪن، هو فقط الله جي اڳيان جهڪن ٿا) (اي پيغمبر!) تون ڪين ڏسين ٿو تہ الله جي فضل ۽ راضپي حاصل ڪرڻ جي نيت سان رڪوع ۽ سجدا ڪندا رهن ٿا ۽ سجدن جي اثر ڪان سندن پيشانين تي نشان نهي بيٺا آهن. تورات توڙي انجيل ۾ انهن (مومنن) جو بيان اهڙيءَ ئي طرح آيل آهي. (مومنن جي ڪوشش ۽ جهاد جو مثال ائين آهي) جيئن ٻنيءَ ۾ ٻج وجهڻ. جو (ڦهريائين) سلو (زمين مان) ٻاهر ڪڍي ٿو. پوءِ اهو ٿلهو ٿو ٿئي ۽ پنهنجي ڪاني تي محڪم ٿي بيهي ٿو. (اهڙيءَ طرح پوک پلي ٿئي ٿي ۽) ڪڙمين کي خوشي ۽ عجب سان ڀرپور ڪري ٿي ڇڏي، ۽ ڪافرن کي ساڙن حسد ۽ ساڙ ۾ ساڙي ٿي ڇڏي. انهن مان جن ايمان آندو آهي ۽ صالح عمل بہ ڪندا رهن ٿا تن کي الله تعاليٰ مغفرت (بخشش) ۽ تمام وڏي اجر جو واعدو ڪري ڇڏيو آهي. (جو ڏسو تہ هاڻي حديبيہ جي صلح بعد پورو ٿيڻ تي آهي ۽ سچي دين اسلام جو نظام سڄي عربستان ۾ قائم ٿيڻ تي آهي).

## سورة الحجرات (معنيٰ :گھر) مدني

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع 1

**اي مومنو حضرت محمد ﷺ جن جي روبرو ڏاڍيان نہ ڳالهايو. مومن ڀائر آهن.**

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تُقَدِّمُوۡا بَيۡنَ يَدَيِ
اللّٰهِ وَ رَسُوۡلِهٖ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيۡعٌ
عَلِيۡمٌ ﴿١﴾

(١) اي مومنو! الله ۽ سندس رسول کان اڳي نہ وَڌو ۽ اڳ نہ وڌو ۽ الله کان ڊڄو جو سڀ ڪجھ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي (تنهن ڪري سندس سيني حڪمن تي عمل ڪري پاڻ کي مصيبتن کان بچايو ۽ هر طرح خوشحال ٿيو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَرۡفَعُوۡۤا اَصۡوَاتَكُمۡ فَوۡقَ
صَوۡتِ النَّبِىِّ وَلَا تَجۡهَرُوۡا لَهٗ بِالۡقَوۡلِ
كَجَهۡرِ بَعۡضِكُمۡ لِبَعۡضٍ اَنۡ تَحۡبَطَ
اَعۡمَالُكُمۡ وَاَنۡتُمۡ لَا تَشۡعُرُوۡنَ ﴿٢﴾

(٢) اي مومنو! (ڳالهائڻ مهل) پنهنجا آواز رسول ﷺ جي آواز کان مٿي نہ ڪيو ۽ ساڻس (ڳالهائڻ مهل) زور سان (يا جوش سان) نہ ڳالهايو، جيئن توهان هڪٻئي سان زور سان ڳالهائيندا آهيو. (ساڻس زور سان نہ ڳالهايو تہ) متان توهان جا (چڱا) عمل بہ برباد ٿي نہ وڃن ۽ توهان کي خبر بہ ڪانہ پوي. (سو آئينده لاءِ خبردار ٿيو).

اِنَّ الَّذِيۡنَ يَغُضُّوۡنَ اَصۡوَاتَهُمۡ عِنۡدَ رَسُوۡلِ
اللّٰهِ اُولٰٓـئِكَ الَّذِيۡنَ امۡتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوۡبَهُمۡ
لِلتَّقۡوٰى ؕ لَهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ وَّاَجۡرٌ عَظِيۡمٌ ﴿٣﴾

(٣) بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي رسول (ﷺ) جي اڳيان پنهنجي آواز کي نرم ۽ جهيڻو رکن ٿا سي ئي آهن جن نون دليون الله تعاليٰ پرهيزگاريءَ جي امتحان ۾ پاس ڪري ڇڏيون آهن. انهن جي لاءِ بخشش آهي ۽ وڏي ۾ وڏو اجر آهي.

اِنَّ الَّذِيۡنَ يُنَادُوۡنَكَ مِنۡ وَّرَآءِ الۡحُجُرٰتِ
اَكۡثَرُهُمۡ لَا يَعۡقِلُوۡنَ ﴿٤﴾

(٤) بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي توکي (اي پيغمبر تنهنجي) حجرن جي ٻاهران وڏي واڪي سڏ ڪن ٿا تن مان گهڻا بي سمجھ ۽ بي وقوف آهن.

وَلَوۡ اَنَّهُمۡ صَبَرُوۡا حَتّٰى تَخۡرُجَ اِلَيۡهِمۡ
لَـكَانَ خَيۡرًا لَّهُمۡ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿٥﴾

(٥) جيستائين تون پاڻ انهن ڏي نڪري اچين تيستائين هو صبر ڪن ها تہ هنن لاءِ وڏي چڱائي ٿئي ها، ۽ الله تعاليٰ وڏو بخشڻهار ۽ رحم وارو آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنۡ جَآءَكُمۡ فَاسِقٌ ۢ
بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوۡۤا اَنۡ تُصِيۡبُوۡا قَوۡمًا ۢ بِجَهَالَةٍ
فَتُصۡبِحُوۡا عَلٰى مَا فَعَلۡتُمۡ نٰدِمِيۡنَ ﴿٦﴾

(٦) اي مومنو! جيڪڏهن ڪوبہ بدڪار (۽ بي فرمان) ماڻهو توهان وٽ ڪا خبر آڻي تہ پهريائين تحقيقات ڪيو (يعني جانچ جونچ ڪري ڏسو تہ سچي آهي يا ڪوڙي، انهيءَ لاءِ تہ متان ڪوڙي ڳالھ تي عمل ڪري) توهان اڻ ڄاڻائيءَ جي حالت ۾ ڪن ماڻهن کي تڪليف ۽ نقصان نہ پهچايو ۽ پوءِ پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿيو.

وَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّ فِيۡكُمۡ رَسُوۡلَ اللّٰهِ ؕ لَوۡ
يُطِيۡعُكُمۡ فِىۡ كَثِيۡرٍ مِّنَ الۡاَمۡرِ لَعَنِتُّمۡ وَلٰـكِنَّ
اللّٰهَ حَبَّبَ اِلَيۡكُمُ الۡاِيۡمَانَ وَزَيَّنَهٗ فِىۡ

(٧) ۽ (اي مسلمانو) ڄاڻو (۽ چڱيءَ طرح ڄاڻو ۽ ياد رکو) تہ اوهان ۾ الله جو رسول موجود آهي (جو الله جي حڪمن موجب اوهان جي لاءِ هر طرح جو نظام رکي ٿو) جيڪڏهن هو گهڻين ئي ڳالهاين ۾ توهان جي چوڻ تي هلي تہ توهان وڏين مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ پئجي وڃو. پر الله تعاليٰ

قُلُوۡبِكُمۡ وَ كَرَّهَ اِلَيۡكُمُ الۡكُفۡرَ وَالۡفُسُوۡقَ وَ الۡعِصۡيَانَ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الرّٰشِدُوۡنَ ﴿۷﴾

اوهان کي اوهان جو ايمان پيارو ڪيو آهي (۽ اوهان کي ان ايمان سان حب آهي) ۽ ان ايمان کي اوهان جي دلين ۾ سهڻو ڪري ڏيکاريو آهي (يعني توهان جون دليون ان ايمان کي پسند ٿيون ڪن) ۽ الله تعاليٰ توهان ۾ ڪفر، بدڪاري ۽ بي فرمانيءَ لاءِ نفرت پيدا ڪري ڇڏي آهي. اهڙائي ماڻهو آهن جيڪي سچ پچ نيڪيءَ جي راهه تي هلندڙ آهن.

فَضۡلًا مِّنَ اللّٰهِ وَ نِعۡمَةً ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿۸﴾

(٨) اهو (اوهان تي) الله جو فضل آهي ۽ (اوهان لاءِ) وڏي نعمت آهي (جو توهان سچو ايمان رکو ٿا ۽ رسول ﷺ جي فيصلن کي پسند ڪيو ٿا، اگرچه اهي اوهان جي مرضيءَ موافق نه هجن) ۽ (ياد رکو ته) الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

وَاِنۡ طَآئِفَتٰنِ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ اقۡتَتَلُوۡا فَاَصۡلِحُوۡا بَيۡنَهُمَا ۚ فَاِنۡۢ بَغَتۡ اِحۡدٰٮهُمَا عَلَى الۡاُخۡرٰى فَقَاتِلُوا الَّتِىۡ تَبۡغِىۡ حَتّٰى تَفِىۡٓءَ اِلٰٓى اَمۡرِ اللّٰهِ ۚ فَاِنۡ فَآءَتۡ فَاَصۡلِحُوۡا بَيۡنَهُمَا بِالۡعَدۡلِ وَاَقۡسِطُوۡا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الۡمُقۡسِطِيۡنَ ﴿۹﴾

(٩) ۽ جيڪڏهن مومنن مان ڪي ٻه ڌريون پاڻ ۾ تڪراري هجن ته انهن جي وچ ۾ صلح ڪرائي ڇڏيو. پر جيڪڏهن انهن مان هڪڙي ڌر ٻئي ڌر تي زيادتي ۽ ظلم ڪري ته پوءِ انهيءَ ڌر سان لڙو ۽ مقابلو ڪيو، جيستائين خدا جي (يا عادل حاڪم جي) حڪم تي تعميل ڪري. پوءِ جيڪڏهن (عدل واري حڪم جي) تعميل ڪري ته پوءِ انهن ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ عدل سان صلح ۽ ناهه ڪري ڇڏيو ۽ (هميشه) انصاف ڪيو. يقيناً الله تعاليٰ انصاف ڪندڙن کي حب ٿو ڪري (۽ انصاف نه ڪندڙن تي لعنت ٿو ڪري).

اِنَّمَا الۡمُؤۡمِنُوۡنَ اِخۡوَةٌ فَاَصۡلِحُوۡا بَيۡنَ اَخَوَيۡكُمۡ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمۡ تُرۡحَمُوۡنَ ﴿۱۰﴾

(١٠) يقيناً مومن سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهن تنهن ڪري پنهنجي ڀائرن جي وچ ۾ (عدل سان) صلح ڪرائي ڇڏيو ۽ خدا کان ڊڄو (۽ خدا جي حڪمن تي هلو) انهيءَ لاءِ ته توهان تي رحم ڪيو وڃي.

رڪوع 2

**ٻين تي ٺٺوليون نه ڪيو ۽ خراب نالا نه رکو. اجايا گمان ۽ تهمتون نه رکو.**

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا يَسۡخَرۡ قَوۡمٌ مِّنۡ قَوۡمٍ عَسٰٓى اَنۡ يَّكُوۡنُوۡا خَيۡرًا مِّنۡهُمۡ وَلَا نِسَآءٌ مِّنۡ نِّسَآءٍ عَسٰٓى اَنۡ يَّكُنَّ خَيۡرًا مِّنۡهُنَّ ۚ وَلَا تَلۡمِزُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ وَلَا تَنَابَزُوۡا بِالۡاَلۡقَابِ ؕ بِئۡسَ الِاسۡمُ الۡفُسُوۡقُ بَعۡدَ الۡاِيۡمَانِ ۚ وَمَنۡ لَّمۡ يَتُبۡ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوۡنَ ﴿۱۱﴾

(١١) اي مومنو! (خبردار! اوهان مان) هڪڙا ماڻهو ٻين ماڻهن تي چٿرون ۽ ٺٺوليون نه ڪن. ممڪن آهي ته اهي ٻيا مرد انهن (چٿرون ڪندڙن) کان بهتر هجن، نڪي هڪڙيون عورتون ٻين عورتن تي (ڪلون مسخريون ڪن) ممڪن آهي ته اهي ٻيون عورتون انهن (ڪلون ڪندڙ) عورتن کان بهتر هجن ۽ توهان هڪٻئي جي بدناموسي نه ڪيو (۽ هڪٻئي کي طعنا نه هڻو) ۽ هڪٻئي تي خراب نالا نه رکو. ايمان آڻڻ بعد (ان ماڻهو تي جنهن ايمان آندو آهي) خراب نالو رکڻ وڏي بڇڙائي آهي. ۽ (ياد رکو ته) جيڪي ماڻهو (آئنده انهن بڇڙن ڪمن کان) توبهه ڪري باز نه ايندا سي وڏا گنهگار ۽ ظالم آهن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ
الظَّنِّ ۫ اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ وَّ لَا تَجَسَّسُوْا
وَ لَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ؕ اَيُحِبُّ
اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا
فَكَرِهْتُمُوْهُ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ
رَّحِيْمٌ ﴿۱۲﴾

(١٢) اي مومنو! اڪثر گمانن کان پري رهو. بيشڪ ڪي گمان گناهه جي برابر آهن. ۽ جاسوسي نه ڪيو (يعني لڪي ڇپي ٻين جا احوال معلوم نه ڪيو. نه ڪي پراوا خط پٽ پڙهو) ۽ اوهان مان هڪڙا ٻين جي پريٺ گلا نه ڪن. (پريٺ گلا ڪرڻ آهي مئل ڀاءُ جو گوشت کائڻ) توهان ۾ ڪوبه اهڙو آهي جا جو پسند تو ڪري ته پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي؟ توهان ته ان کان سخت نفرت ڪندا آهيو (پوءِ پريٺ گلا ڪرڻ کان چو نٿا نفرت ڪيو). خدا کان ڊڄو (۽ باز اچو) بيشڪ خدا باز اچڻ وارن جي توبهه قبول ڪندڙ ۽ وڏي رحم وارو آهي.

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّا خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ وَّ اُنْثٰى وَ
جَعَلْنٰكُمْ شُعُوْبًا وَّ قَبَآىِٕلَ لِتَعَارَفُوْا ؕ اِنَّ
اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ
خَبِيْرٌ ﴿۱۳﴾

(١٣) اي انسانو! مون اوهان کي هڪ ئي مرد ۽ عورت مان پيدا ڪيو آهي (تنهن ڪري توهان سڀ هڪ ڪٽنب آهيو ۽ پاڻ کي هڪ ڪٽنب جا ڀاتي سمجهو) ۽ توهان ۾ ذاتيون ۽ قبيلا ٺاهيا اٿس، سو رڳو هن لاءِ ته توهان هڪٻئي کي (انهن ذاتين تي) سڃاڻو (نه هن لاءِ ته ڪي ذاتيون ٻين کان عزت ۾ وڏيڪ آهن اوهان ۾ وڏيڪ عزت وارو الله جي نظر ۾ اهو آهي جيڪو اوهان مان تقويٰ ۾ (يعني نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ ۾) سڀني کان وڏيڪ آهي. بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ سيڪا خبر رکندڙ آهي.

قَالَتِ الْاَعْرَابُ اٰمَنَّا ؕ قُلْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا وَ
لٰكِنْ قُوْلُوْۤا اَسْلَمْنَا وَ لَمَّا يَدْخُلِ
الْاِيْمَانُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَ اِنْ تُطِيْعُوا اللّٰهَ وَ
رَسُوْلَهٗ لَا يَلِتْكُمْ مِّنْ اَعْمَالِكُمْ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ
اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۴﴾

(١٤) ٻهراڙيءَ جا ڪي عرب (تو وٽ اچي) چئي رهيا آهن ته اسان ايمان آندو آهي. (اي پيغمبر ڪين) چئو ته توهان ۾ (سچو) ايمان (۽ يقين) ڪونهي. پر هيئن چئو ته اسان تابعداري اختيار ڪئي آهي، جو ته اڃا ته اوهان جي دلين ۾ (سچو) ايمان داخل ڪونه ٿيو آهي. پر جيڪڏهن توهان الله ۽ سندس رسول جي (يعني اسلامي سرڪار جي) (تابعداري اختيار ڪيو ته پوءِ الله تعاليٰ اوهان جي عملن مان ڪجهه به ضايع نه ڪندو بيشڪ الله تعاليٰ بار بار بخشيندڙ ۽ وڏي رحم وارو آهي.

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ
رَسُوْلِهٖ ثُمَّ لَمْ يَرْتَابُوْا وَ جٰهَدُوْا
بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ
اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ ﴿۱۵﴾

(١٥) (اي بني اسد قبيلي جا عرب!) مومن ته فقط اهي آهن جن الله ۽ سندس رسول تي (پڪو ۽ سچو) ايمان آندو آهي (۽ هنن کي دل جو يقين آهي ته قرآن جو نظام ئي صحيح آهي) ۽ جن کي (قرآن جي سچائيءَ ۾) ڪڏهن به ذرو به شڪ نه پيو آهي ۽ جن خدا جي راهه ۾ پنهنجي مال ملڪيتن ۽ پنهنجي جانين سان جهاد (يعني بي انتها ڪوشش) ڪئي آهي، فقط اهي ئي آهن جيڪي سچا (مومن) آهن. (ٻيا منافق آهن).

قُلْ اَتُعَلِّمُوْنَ اللّٰهَ بِدِيْنِكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ
مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَ اللّٰهُ بِكُلِّ

(١٦) (اي پيغمبر تون انهن بنو اسد اعرابين کي) چئو ته ڇا توهان الله تعاليٰ کي پنهنجي دين جي خبر ٿا ڏيو (ته اسان ايمان آندو آهي. خد کي

شَيْءٍ عَلِيمٌ ⑯

اوهان جي دلين جي خبر ڪانهي ڇا؟) الله تعاليٰ ته سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو، جيڪي آسمانن ۾ آهي سو به ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو به ڄاڻي ٿو ۽ الله تعاليٰ هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي.

يَمُنُّونَ عَلَيْكَ أَنْ أَسْلَمُوا ۖ قُلْ لَا تَمُنُّوا عَلَيَّ إِسْلَامَكُمْ ۖ بَلِ اللَّهُ يَمُنُّ عَلَيْكُمْ أَنْ هَدَاكُمْ لِلْإِيمَانِ إِنْ كُنْتُمْ صَادِقِينَ ⑰

(١٧) (اي پيغمبر اهي بنو اسد جا ماڻھو) توتي ٿورو ٿا ڪن (۽ توتي احسان ٿا رکن) ته اسان اسلام اختيار ڪيو آهي. هن کي چئو ته، مون تي پنهنجي اسلام جو احسان نه رکو. پر حقيقت هيءَ آهي ته جيڪڏهن توهان سچ ٿا چئو ته (اسان مسلمان ٿيا آهيون ته) پوءِ اوهان تي اهو الله تعاليٰ جو احسان آهي جو اوهان کي ايمان تي آندو اٿس.

إِنَّ اللَّهَ يَعْلَمُ غَيْبَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۚ وَاللَّهُ بَصِيرٌ بِمَا تَعْمَلُونَ ⑱

(١٨)يقيناً الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين جا راز ۽ غيب بخوبي ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي عمل توهان ڪيو ٿا سي چڱيءَ طرح ڏسي ٿو.

**سورة ق—مڪي**

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**قدرت جون تخليقون قرآني حقيقتن جي تائيد ڪن ٿيون.**

ق ۚ وَالْقُرْآنِ الْمَجِيدِ ①

(١) قاف. قسم آهي انهيءَ قرآن جو جيڪو (ظاهرظهور) نهايت شاندار آهي. (يعني هي شاندار قرآن خود شاهد آهي ۽ ثابتي آهي ته اهو الله جو ڪلام آهي ۽ ان ۾ ڏنل ڳالهيون سڀ برحق آهن.)

بَلْ عَجِبُوا أَنْ جَاءَهُمْ مُنْذِرٌ مِنْهُمْ فَقَالَ الْكَافِرُونَ هَٰذَا شَيْءٌ عَجِيبٌ ②

(٢) (ڪافر قران جو شان ڏسن به ٿا ته به نٿا مڃين سو ڇو؟) حقيقت هيءَ آهي ته هنن کي عجب ٿو لڳي ته هنن ئي مان هڪڙو (پاڻ جهڙو انسان) هنن ڏانهن خبردار ڪندڙ (پيغمبر) ٿي آيو آهي. (حسد به ٿو ٿئين) سو اهي ڪافر چون ٿا ته، هي هڪڙي نهايت عجب جهڙي ڳالھ آهي (۽ وسهڻ جهڙي ناهي).

أَإِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا ۖ ذَٰلِكَ رَجْعٌ بَعِيدٌ ③

(٣) (اهي ڪافر چون ٿا ته) ڇا جڏهن اسان مري وينداسين ۽ مٽي ٿي وينداسين (تڏهن وري جيئرا ڪيا وينداسين؟) اهو موٽي اچڻ ۽ وري جيئرو ٿيڻ (اسان جي سمجھ ڪان) ٻاهر آهي ۽ محال آهي.

قَدْ عَلِمْنَا مَا تَنْقُصُ الْأَرْضُ مِنْهُمْ ۖ وَعِنْدَنَا كِتَابٌ حَفِيظٌ ④

(٤) اسان چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا ته زمين انهن (مئل ماڻهن) مان ڪيترو گهٽائي ٿي ڇڏي، ۽ اسان وٽ هڪڙو ڪتاب آهي جنهن ۾ سڀ ڪجھ محفوظ آهي.

بَلْ كَذَّبُوا بِالْحَقِّ لَمَّا جَاءَهُمْ فَهُمْ فِي أَمْرٍ مَرِيجٍ ⑤

(٥) بلڪ ڳالھ هيئن آهي ته جڏهن هنن (ڪافرن) وٽ حق اچي چڪو آهي تڏهن حق کي نٿا مڃين تنهن ڪري هو مونجهاري جي حالت ۾ پئجي ويا آهن.

اَفَلَمْ يَنْظُرُوْٓا اِلَى السَّمَآءِ فَوْقَهُمْ كَيْفَ بَنَيْنٰهَا وَزَيَّنّٰهَا وَمَا لَهَا مِنْ فُرُوْجٍ ۝٦

(٦) ڇا ھوانھيءَ آسمان ڏي نظر نٿا ڪن جو سندن مٿان آھي؟ اسان ڪيئن نہ ان کي بنايو آھي ۽ (تارن وغيره سان) ان کي سينگاريو آھي، ۽ ان ۾ ڪي بہ ڦوٽون يا خرابيون ڪونہ آھن.

وَالْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَاَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ وَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍۢ بَهِيْجٍ ۝٧

(٧) ۽ زمين کي اسان پکيڙي ڇڏيو آھي ۽ ان ۾ جبل لڳائي ڇڏيا اٿئون ۽ ان ۾ ھر قسم جا سھڻا اوپڙ (نباتات) ڄمايا اٿئون.

تَبْصِرَةً وَّذِكْرٰى لِكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيْبٍ ۝٨

(٨) (اھو سڀ جو بنايو اٿئون سو) ھن لاءِ تہ جيڪو بہ (خدا جو) ٻانھو (خدا ڏي) رجوع ٿيندڙ آھي سو اکيون کولي (حقيقتن کي) ڏسي ۽ (خدا کي) ياد ڪري (۽ نصيحت وٺي).

وَنَزَّلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً مُّبٰرَكًا فَاَنْۢبَتْنَا بِهٖ جَنّٰتٍ وَّحَبَّ الْحَصِيْدِ ۝٩

(٩) ۽ اسان آسمانن مان برڪتن سان ڀريل پاڻي وسايون ٿا ۽ پوءِ ان جي وسيلي باغات ۽ اناج جون کيتيون لاباري لاءِ لڳايون ٿا.

وَالنَّخْلَ بٰسِقٰتٍ لَّهَا طَلْعٌ نَّضِيْدٌ ۝١٠

(١٠) ۽ پڻ ڊگھا شاندار کجين جا وڻ ڄمايون ٿا جن جي ڪارڪن جا خوشا ھڪٻئي مٿان تھ ڪري بيھندا آھن.

رِّزْقًا لِّلْعِبَادِ ۙ وَاَحْيَيْنَا بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا ۭ كَذٰلِكَ الْخُرُوْجُ ۝١١

(١١) (اھي ڪارڪون الله تعاليٰ جي) ٻانھن لاءِ رزق آھن. ۽ اسان ان (مينھن) جي وسيلي مئل زمين کي زنده ڪري ٿا ڇڏيون. (قيامت جي ڏينھن) مئل ماڻھن جو اٿڻ بہ اھڙيءَ طرح ٿيندو.

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّاَصْحٰبُ الرَّسِّ وَثَمُوْدُ ۝١٢

(١٢) (جيڪڏھن قرآن کي نٿا مڃين ۽ فطرت مان بہ حقيقتون نٿا سکن تہ قومن جي تاريخ مان عبرت وٺي ڏسو) ھنن (ڪافرن) کان اڳي حضرت نوح جي قوم جي ماڻھن، رس وارن ۽ ثمود جي قوم جي ماڻھن (حق کي) نہ مڃيو.

وَعَادٌ وَّفِرْعَوْنُ وَاِخْوَانُ لُوْطٍ ۝١٣

(١٣) ۽ عاد قوم جي ماڻھن، فرعون ۽ حضرت لوط جي برادري وارن بہ نہ مڃيو.

وَّاَصْحٰبُ الْاَيْكَةِ وَقَوْمُ تُبَّعٍ ۭ كُلٌّ كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ وَعِيْدِ ۝١٤

(١٤) ۽ گھاٽي ٻيلي جي ماڻھن ۽ تبع جي ماڻھن بہ نہ مڃيو. انھن سيني ماڻھن رسولن کي مڃڻ کان انڪار ڪيو. سو (انھن جي باري ۾) منھنجو ڏنل دڙڪو حق ثابت ٿيو (۽ ھو سڀ منھنجي ڏنل قول موجب تباھ ٿيا.)

اَفَعَيِيْنَا بِالْخَلْقِ الْاَوَّلِ ۭ بَلْ هُمْ فِيْ لَبْسٍ مِّنْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ۝١٥

(١٥) سو ڇا اسان پھرين خلق جي خلقڻ ۾ ٿڪجي پيا آھيون ڇا؟ (جو وري ماڻھن کي جيئرو ڪري نہ سگھنداسين) بلڪ حقيقت ھيءَ آھي تہ ھي (ڪافر) نئين خلقت جي باري ۾ شڪن ۾ گرفتار آھن ۽ منجھيل آھن.

## رڪوع 2

**قيامت جي ڏينهن جو احوال. مان پنهنجي ٻانهن سان ذرو بہ بي انصافي ڪرڻ وارو نہ آهيان.**

وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْإِنْسَانَ وَنَعْلَمُ مَا تُوَسْوِسُ بِهٖ نَفْسُهٗ ۖ وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ ﴿١٦﴾

(١٦) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان ئي انسان کي خلقيو آهي ۽ اسان ئي ڄاڻون ٿا تہ سندس نفس ڪهڙا ڪهڙا وسوسا منجهس وجهي ٿو. ۽ اسان ڪيس سندس شھہ رڳ کان بہ ويجها آهيون. (جا ڳچيءَ جي ٻنهي پاسن تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي).

اِذْ يَتَلَقَّى الْمُتَلَقِّيٰنِ عَنِ الْيَمِيْنِ وَعَنِ الشِّمَالِ قَعِيْدٌ ﴿١٧﴾

(١٧) ياد رکو تہ بہ (فرشتا) انسان جي عملن کي جانچڻ ۽ لکي ڇڏڻ لاءِ مقرر ڪيل آهن، جن مان هڪڙو سندس ساڄي پاسي ويٺل آهي ۽ ٻيو کاٻي پاسي.

مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ ﴿١٨﴾

(١٨) اهو انسان ڪو لفظ وات مان مس ڪڍي ٿو تہ هڪدم هڪ محافظ فرشتو جو سندس پرسان ويٺل آهي ان کي لکي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ٿو وڃي.

وَجَآءَتْ سَكْرَةُ الْمَوْتِ بِالْحَقِّ ۭ ذٰلِكَ مَا كُنْتَ مِنْهُ تَحِيْدُ ﴿١٩﴾

(١٩) ۽ (آخر) موت واري سڪرات في الحقيقت اچي وڃي ٿي (ان وقت انسان جون اکيون کلن ٿيون ۽ کيس چيو وڃي ٿو تہ) هيءَ اٿئي اها ڳالھ جنهن کان تون ڀڄندو هئين.

وَنُفِخَ فِي الصُّوْرِ ۭ ذٰلِكَ يَوْمُ الْوَعِيْدِ ﴿٢٠﴾

(٢٠) ۽ (قيامت جي ڏينهن) توتاري وڄائي ويندي. اهو آهي اهو ڏينهن جنهن بابت (دنيا ۾ رسولن جي معرفت) خبر ڏني ويئي هئي ۽ ماڻهن کي خبردار ڪيو ويو هو.

وَجَآءَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّعَهَا سَآئِقٌ وَّشَهِيْدٌ ﴿٢١﴾

(٢١) (توتاري وڄڻ بعد هڪدم) هرهڪ شخص هليو ايندو. ساڻس هڪڙو ڪيس هڪلڻ وارو ۽ هڪڙو شاهد هوندو.

لَقَدْ كُنْتَ فِيْ غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا فَكَشَفْنَا عَنْكَ غِطَآءَكَ فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ حَدِيْدٌ ﴿٢٢﴾

(٢٢) (کيس چيو ويندو تہ) تون في الحقيقت هن (ڏينهن) بابت غافل هئين. هاڻي اسان توتان پردو لاهي ڇڏيو آهي. سو اڄ تنهنجي نظر تمام تيز آهي (۽ تون هاڻي سڀ ڪجھ ڏسي ۽ سمجهي سگهين ٿو).

وَقَالَ قَرِيْنُهٗ هٰذَا مَا لَدَيَّ عَتِيْدٌ ﴿٢٣﴾ؕ

(٢٣) ۽ سندس ساٿي چوندو تہ هي آهي (هن ماڻھوءَ جو اعمال نامون) جو مون وٽ تيار ٿيو رکيو آهي.

اَلْقِيَا فِيْ جَهَنَّمَ كُلَّ كَفَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿٢٤﴾ۙ

(٢٤) (ان وقت پڪاريو ويندو تہ) هرهڪ سرڪش ۽ نافرمان ڪافر کي جهنم ۾ اڇلائي وجهو.

مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ مُّرِيْبٍ ﴿٢٥﴾ۙ

(٢٥) جيڪو چڱائيءَ کان منع ڪندو هو (گناهن ڪرڻ ۾) ليڪو لنگهي ويهندو هو، (۽ هرهڪ حق جي ڳالھ بابت) شڪ ۽ گمان آڻيندو هو.

ِ الَّذِیْ جَعَلَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰـهًا اٰخَرَ فَاَلْقِیٰهُ فِی الْعَذَابِ الشَّدِیْدِ ﴿۲۶﴾

(٢٦) جيڪو الله سان گڏ ٻين کي بہ معبود ٺهرائيندو هو (يعني الله جي حڪمن کي ڇڏي ٻين ابتڙ حڪن تي عمل ڪندو هو) سو ڪيس سخت عذاب ۾ اڇلائي وجهو.

قَالَ قَرِیْنُهٗ رَبَّنَا مَاۤ اَطْغَیْتُهٗ وَلٰكِنْ كَانَ فِیْ ضَلٰلٍۭ بَعِیْدٍ ﴿۲۷﴾

(٢٧) سندس ساٿي چوندو تہ اي اسان جا پروردگار مون هن کي نافرمان باغي ڪونہ ڪيو هو، پر هو پاڻ وڏي گمراهيءَ ۾ پئجي ويو هو.

قَالَ لَا تَخْتَصِمُوْا لَدَیَّ وَقَدْ قَدَّمْتُ اِلَیْكُمْ بِالْوَعِیْدِ ﴿۲۸﴾

(٢٨) الله تعاليٰ فرمائيندو تہ (خاموش!) منهنجي اڳيان جهڳڙو نہ ڪيو. مون تہ توهان کي اڳ ئي (پنهنجي رسولن جي معرفت خبردار ڪيو هو (تنهن هوندي بہ توهان غافل رهيو).

مَا یُبَدَّلُ الْقَوْلُ لَدَیَّ وَمَاۤ اَنَا بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِیْدِ۠ ﴿۲۹﴾

(٢٩) مون وٽ (منهنجو) قول (يا حڪم) ڪڏهن بہ نٽو ڦري (هر ڪنهن کي انصاف سان جزا ۽ سزا ضرور ملڻي آهي) ۽ مان پنهنجي ٻانهن سان ذرو بہ بي انصافي ڪرڻ وارو نہ آهيا.

رڪوع 3

**قيامت جي ڏينهن جون حالتون.**

یَوْمَ نَقُوْلُ لِجَهَنَّمَ هَلِ امْتَلَاْتِ وَتَقُوْلُ هَلْ مِنْ مَّزِیْدٍ ﴿۳۰﴾

(٣٠) هڪڙي ڏينهن اسان جهنم کان پڇنداسين تہ، تون (دوزخين سان) پرجي ويو آهين يا نہ؟ هو چوندو تہ آهن ڪي وڌيڪ (يعني مان پرجي ڪونہ ويو آهيان. ڪيترا بہ هجن پلي آڻيو).

وَاُزْلِفَتِ الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِیْنَ غَیْرَ بَعِیْدٍ ﴿۳۱﴾

(٣١) ۽ پرهيزگارن نيڪن لاءِ بهشت بلڪل ويجهو آندو ويندو. پري نہ هوندو.

هٰذَا مَا تُوْعَدُوْنَ لِكُلِّ اَوَّابٍ حَفِیْظٍ ﴿۳۲﴾

(٣٢) (ان وقت چيو ويندو تہ) هي آهي اهو بهشت جنهن جو اوهان کي واعدو ڏنو ويو هو. اهو بهشت انهيءَ شخص لاءِ آهي جيڪو (غلط واٽ ڇڏي) الله ڏي (يعني سڌي واٽ ڏي) موٽي اچي ۽ (حق ۽ قانون تي) محڪم رهي.

مَنْ خَشِیَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَیْبِ وَجَآءَ بِقَلْبٍ مُّنِیْبِ ﴿۳۳﴾

(٣٣) (۽) جو رحمان خدا کي ڏسڻ کان سواءِ ئي ڪائنس ڊڄي (تہ متان ٻڇڙا ڪم ڪري رحمان کي ناراض ڪري وجهان) ۽ جو (هر وقت الله ڏي) رجوع ڪندڙ دل رکي.

اِ۟دْخُلُوْهَا بِسَلٰمٍ ؕ ذٰلِكَ یَوْمُ الْخُلُوْدِ ﴿۳۴﴾

(٣٤) (اي بهشتيو) سلامتيءَ سان ۽ امن امان سان (بهشت ۾) گهڙي پئو، هي هميشہ رهڻ وارو ڏينهن آهي. (يعني اوهان هميشہ لاءِ بهشت ۾ رهندو).

لَهُمْ مَّا یَشَآءُوْنَ فِیْهَا وَلَدَیْنَا مَزِیْدٌ ﴿۳۵﴾

(٣٥) اهي (بهشتي) ان بهشت ۾ جيڪي بہ چاهيندا سو ڪين ملندو ۽ (ان کان سواءِ هنن لاءِ) اسان وٽ وڌيڪ بہ گهڻوئي هوندو (جو اسان اڄ گهرئي ڪين ڏينداسين.)

وَكَمْ أَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ هُمْ أَشَدُّ مِنْهُمْ بَطْشًا فَنَقَّبُوا فِي الْبِلَادِ ۖ هَلْ مِنْ مَّحِيصٍ ﴿٣٦﴾

(٣٦) ۽ اسان هنن کان اڳي ڪيترين ئي پيڙهيون تباهه ڪري ڇڏيون، جيڪي هنن کان طاقت ۾ گهڻو وڌيڪ هيون. پوءِ هو ملڪن ۾ دربدر رلنديون رهيون. (ڏسو) هنن لاءِ ڀڄي ڇٽڻ جي ڪا جاءِ به هئي؟

إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَذِكْرَىٰ لِمَنْ كَانَ لَهُ قَلْبٌ أَوْ أَلْقَى السَّمْعَ وَهُوَ شَهِيدٌ ﴿٣٧﴾

(٣٧) بيشڪ انهيءَ ۾ وڏي نصيحت آهي انهيءَ ماڻهو لاءِ جيڪو (سالم ۽ سمجهه واري) دل رکندڙ هجي يا (حق جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ خيال سان) ڪن ڏئي، ۽ (سمجهڻ بعد حق جي) شاهدي ڏئي.

وَلَقَدْ خَلَقْنَا السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِي سِتَّةِ أَيَّامٍ وَمَا مَسَّنَا مِنْ لُّغُوبٍ ﴿٣٨﴾

(٣٨) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان آسمانن، زمين کي ۽ جيڪي به انهن جي وچ ۾ آهي تنهن کي ڇهن ايامن ۾ خلقيو ۽ اسان کي ذرو به ٿڪ ڪونه ٿيو. (پوءِ اسان جي لاءِ اهو ڪم بلڪل سولو آهي ته ماڻهن کي وري جيئرو ڪري اٿاريون.).

فَاصْبِرْ عَلَىٰ مَا يَقُولُونَ وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوعِ الشَّمْسِ وَقَبْلَ الْغُرُوبِ ﴿٣٩﴾

(٣٩) پوءِ (اي پيغمبر اهي ماڻهو ايمان نٿا آڻين ته خيال نه ڪر) جيڪي هي ماڻهو بڪندا رهن ٿا تنهن کي صبر سان سهندو رهه ۽ پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا ڪندو رهه، سج اڀرڻ کان اڳي ۽ پڻ سج لهڻ کان اڳ ۾.

وَمِنَ اللَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَأَدْبَارَ السُّجُودِ ﴿٤٠﴾

(٤٠) رات جي ڪجهه حصي ۾ به سندس شان ۽ پاڪائي بيان ڪندو رهه ۽ پڻ سجدن کان پوءِ (يعني هر وقت الله ۽ سندس حڪمن کي ياد رک ۽ انهن جي تعميل ڪر).

وَاسْتَمِعْ يَوْمَ يُنَادِ الْمُنَادِ مِنْ مَّكَانٍ قَرِيبٍ ﴿٤١﴾

(٤١) ۽ انهيءَ ڏينهن لاءِ ڪن لڳائي رک جنهن ڏينهن سڏ ڪندڙ ڪنهن ويجهي جاءِ کان سڏ ڪندو.

يَوْمَ يَسْمَعُونَ الصَّيْحَةَ بِالْحَقِّ ۚ ذَٰلِكَ يَوْمُ الْخُرُوجِ ﴿٤٢﴾

(٤٢) جنهن ڏينهن ماڻهو في الحقيقت وڏو ڌڌڪو ٻڌندا، اهو هوندو وري اٿڻ وارو (يامت جو) ڏينهن.

إِنَّا نَحْنُ نُحْيِي وَنُمِيتُ وَإِلَيْنَا الْمَصِيرُ ﴿٤٣﴾

(٤٣) يقيناً اسان ئي حياتي ڏيون ٿا ۽ اسان ئي موت آڻيون ٿا ۽ اسان ڏي ئي سيني کي موٽي اچڻو آهي.

يَوْمَ تَشَقَّقُ الْأَرْضُ عَنْهُمْ سِرَاعًا ۚ ذَٰلِكَ حَشْرٌ عَلَيْنَا يَسِيرٌ ﴿٤٤﴾

(٤٤) انهيءَ ڏينهن زمين هنن کان ٽڪري ٽڪري ڦاٽي پوندي. اهو ٿيندو حشر (يعني سيني ماڻهن جو هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ) (ماڻهن کي جمع ڪرڻ) اسان جي لاءِ بلڪل سولو آهي.

نَحْنُ أَعْلَمُ بِمَا يَقُولُونَ ۖ وَمَا أَنْتَ عَلَيْهِمْ بِجَبَّارٍ ۖ فَذَكِّرْ بِالْقُرْآنِ مَنْ يَخَافُ وَعِيدِ ﴿٤٥﴾

(٤٥) (اي پيغمبر) جيڪي جيڪي هي ماڻهو چون ٿا سو اسان چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا. تون انهن سان زور زبردستي ڪرڻ وارو نه آهين. سو تون قرآن مجيد جي وسيلي انهن ماڻهن کي نصيحت ڪندو رهه جيڪي منهنجي (عذاب جي) واعدي کان ڊڄن ٿا.

## سورة الذاريات (معنيٰ: پکيڙيندڙ) مکي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شرع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع 1

**ڪامياب اهي ٿيندا جيڪي الله جي حڪمن تي هلن ٿا ۽ گهرج وارن جي مدد ڪن ٿا.**

وَالذّٰرِيٰتِ ذَرۡوًا ۙ﴿۱﴾

(١) قسم آهي انهن هوائن جو جي (ٻجن ۽ ڪکرن وغيره کي) اڏائي پکيڙينديون رهن ٿيون.

فَالۡحٰمِلٰتِ وِقۡرًا ۙ﴿۲﴾

(٢) وري انهن هوائن جو قسم آهي جي (مينهن جو) بار کڻي وڃن ٿيون.

فَالۡجٰرِيٰتِ يُسۡرًا ۙ﴿۳﴾

(٣) وري قسم آهي انهن هوائن جو جي آساني ۽ آرام سان گهلن ٿيون (يعني اهي هيرون جيڪي سڙهن وارين ٻيڙين يا جهازن کي هلائين ٿيون يا خود جهاز، جيڪي پاڻيءَ تي آسانيءَ سان هلندا رهن ٿا)

فَالۡمُقَسِّمٰتِ اَمۡرًا ۙ﴿۴﴾

(٤) وري قسم آهي (هوائن يا جهازن) جو جي خدا جي حڪم مطابق مينهن، رزق، علم، عقل، هنر وحي جو پيغام وغيره) ورهائيندا رهن ٿا.

اِنَّمَا تُوۡعَدُوۡنَ لَصَادِقٌ ۙ﴿۵﴾

(٥) ته يقيناً جنهن ڳالهه جو واعدو اوهان سان ڪيل آهي سو بلڪل سچو آهي.

وَّ اِنَّ الدِّيۡنَ لَوَاقِعٌ ؕ﴿۶﴾

(٦) ۽ يقيناً عملن جو بدلو (هن دنيا ۾ توڙي آخرت ۾) ضرور واقع ٿيندو ۽ ظهور ۾ ايندو.

وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الۡحُبُكِ ۙ﴿۷﴾

(٧) قسم آهي آسمان جو جنهن ۾ (سيارن تارن وغيره جا) مقرر رستا آهن (۽ ساري ڪائنات جو نظام وحدت ڏيکاري ٿو).

اِنَّكُمۡ لَفِىۡ قَوۡلٍ مُّخۡتَلِفٍ ۙ﴿۸﴾

(٨) (پر افسوس) اوهان (انسان) مختلف قولن ۽ عقيدن ۾ پئجي ويا آهيو (۽ جهيڙا جهڳڙا ٿا ڪيو، جيڪڏهن قرآن تي محڪم رهو ته اوهان ۾ به وحدت قائم ٿي وڃي).

يُّؤۡفَكُ عَنۡهُ مَنۡ اُفِكَ ؕ﴿۹﴾

(٩) انهيءَ (وحدت واري حق) کان انهن کي هٽايو وڃي ٿو جيڪي (سندن ئي خود غرضي ۽ ڪوڙن ناهن سبب حق کان) محروم ڪيل آهن.

قُتِلَ الۡخَرّٰصُوۡنَ ۙ﴿۱۰﴾

(١٠) مصيبت پوندي انهن تي جيڪي ڪوڙا ناهه ٺايندڙ آهن.

الَّذِيۡنَ هُمۡ فِىۡ غَمۡرَةٍ سَاهُوۡنَ ۙ﴿۱۱﴾

(١١) جيڪي (پنهنجي) غفلت سببان مونجهاري جي بحر ۾ ٿا ٻوڙا هڻي رهيا آهن.

يَسۡـَٔلُوۡنَ اَيَّانَ يَوۡمُ الدِّيۡنِ ؕ﴿۱۲﴾

(١٢) اهي (منجهيل ماڻهو) پڇن ٿا ته، ڀلا بدلي جو يعني جزا ۽ سزا جو ڏينهن ڪڏهن اچڻو آهي.

يَوۡمَ هُمۡ عَلَى النَّارِ يُفۡتَنُوۡنَ ﴿۱۳﴾

(١٣) (انهن کي جواب ڏي ته) سندن (عذاب جو) ڏينهن اهو ٿيندو جنهن ڏينهن هنن کي (لڙائي، وبا يا ڪنهن آسماني آفت جي) باهه ۾ آزمائيو ويندو.

ذُوْقُوْا فِتْنَتَكُمْ ؕ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ ⑭

(١٤) (ان وقت کين چيو ويندو تہ هاڻي) پنهنجي فتني جو مزو چکو. اهو اتوَ اهو (عذاب) جنهن جي اچڻ لاءِ توهان تڪڙ لاتي هئي (تہ جلد اچي).

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ۙ⑮

(١٥) يقيناً متقي ماڻهو (خدا جا پرهيزگار ٻانها) باغن ۾ ۽ وهندڙ چشمن جو وچ ۾ هوندا (يعني هن ئي دنيا ۾ باغن ۽ چشمن جا وارث ۽ مالڪ ٿيندا.)

اٰخِذِيْنَ مَآ اٰتٰىهُمْ رَبُّهُمْ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُحْسِنِيْنَ ؕ⑯

(١٦) جيڪي سندن پروردگار کين ڏيندو سو خوشيءَ سان وٺندا ۽ ماڻيندا (الله تعاليٰ هنن کي اهي نعمتون باغ وغيره ۽ ڪاميابي ڏيندو) چو تہ هو ان کان اڳي (مشڪلاتن ۽ تڪليفن ۾ بہ) نيڪ عمل ڪندڙ هئا (۽ ٻين سان ڀلائيون ڪندڙ هئا).

كَانُوْا قَلِيْلًا مِّنَ الَّيْلِ مَا يَهْجَعُوْنَ ⑰

(١٧) (ان کان سواءِ) رات منجهان ٿورو حصو ننڊ ڪندا هئا، (باقي وقت خدائي حڪمن کي ياد ڪرڻ ۽ غور ۽ فڪر ڪرڻ، نيڪ ۽ ضروري ڪمن جي رٿن ناهڻ ۾ صرف ڪندا هئا.)

وَبِالْاَسْحَارِ هُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ⑱

(١٨) ۽ اسر جي وقت (يعني پرڀات کان بہ ٿورو اڳي يا پرڀات وقت) خدا کان مغفرت گهرندا رهندا هئا (يعني تدبيري ڪوتاهين جي نتيجن کان پناهہ گهرندا هئا).

وَفِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ لِّلسَّآئِلِ وَالْمَحْرُوْمِ ⑲

(١٩) ۽ سندن مال ملڪيت ۾ گهرندڙن توڙي نہ گهرندڙن (مسڪينن ۽ گهرج وارن) جو حق هو (يعني اهي متقي محتاجن تي ٿورو ڪونہ لائيندا هئا، پر سندن حق سمجهي کين ڳولي ڳولي هر طرح جي مدد ڪندا هئا).

وَفِي الْاَرْضِ اٰيٰتٌ لِّلْمُوْقِنِيْنَ ۙ⑳

(٢٠) (هن رڪوع ۾ مٿي بيان ڪيل ڳالهين ۾ مومنن لاءِ وڏيون نشان يون آهن) ۽ زمين ۾ بہ يقين رکندڙ لاءِ (يعني يقيني علم وارن لاءِ) وڏيون نشانيون رکيل آهن.

وَفِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ؕ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ㉑

(٢١) ۽ خود اوهان جي جانين ۾ بہ (وڏيون نشانيون موجود آهن) ڇا توهان اهي نٿا ڏسو؟

وَفِي السَّمَآءِ رِزْقُكُمْ وَمَا تُوْعَدُوْنَ ㉒

(٢٢) ۽ آسمان ۾ اوهان جو رزق آهي ۽ پڻ اهو بہ آهي جنهن جو اوهان کي واعدو ڏنل آهي.

فَوَرَبِّ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ اِنَّهٗ لَحَقٌّ مِّثْلَ مَآ اَنَّكُمْ تَنْطِقُوْنَ ؑ㉓

(٢٣) سو قسم آهي آسمان ۽ زمين جي پروردگار جو تہ يقيناً هي (قرآن يا عملن جي بدلي جو ملڻ) ضرور حق آهي ۽ اهڙوئي حق آهي جهڙي هيءَ حقيقت تہ توهان هڪٻئي سان (سمجهڻ ۽ سمجهائڻ واريون) ڳالهيون ڳالهائي سگهو ٿا (۽ لفظن جي وسيلي علم ۽ حقيقتون سيکاري سگهو ٿا).

رکوع 2

**اڳين ڪافر قومن جي برباديءَ جا مثال.**

هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ الْمُكْرَمِيْنَ ﴿۲۴﴾

(٢٤) (اي پيغمبر!) تو وٽ حضرت ابراهيم جي معزز مهمانن جو قصو پهتو آهي؟ (يعني تو کي اهو قصو ٻڌايل آهي؟)

اِذْ دَخَلُوْا عَلَيْهِ فَقَالُوْا سَلٰمًا ۭ قَالَ سَلٰمٌ ۚ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ ﴿۲۵﴾

(٢٥) جڏهن اهي (مهمان) حضرت ابراهيم وٽ لنگهي اندر آيا. تڏهن چيائون تہ سلامتي هجي (توتي) حضرت ابراهيم بہ جواب ۾ ساڳي دعا ڪئي. ۽ (هنن جي غير معمولي شڪل ۽ نمونو ڏسي خيال ڪيائين تہ) هي تہ ڪي بلڪل غيرمعمولي ماڻهو آهن. (في الحقيقت هو فرشتا هئا ۽ الله تعاليٰ هنن کي انسانن جي صورت ۾ آٽي موڪليو هو).

فَرَاغَ اِلٰٓى اَهْلِهٖ فَجَآءَ بِعِجْلٍ سَمِيْنٍ ﴿۲۶﴾

(٢٦) پوءِ حضرت ابراهيم پنهنجي گهر جي ماڻهن ڏي تڪڙو ويو ۽ (هڪدم) گيهہ ۾ پڄل گابو ڪٽي آيو.

فَقَرَّبَهٗٓ اِلَيْهِمْ قَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ ﴿۲۷﴾

(٢٧) ۽ هنن جي اڳيان ويجهو ڪري رکيائين (تہ مهمان کائين). ڪين چيائين تہ ڇو نٿا کائو.

فَاَوْجَسَ مِنْهُمْ خِيْفَةً ۭ قَالُوْا لَا تَخَفْ ۭ وَبَشَّرُوْهُ بِغُلٰمٍ عَلِيْمٍ ﴿۲۸﴾

(٢٨) (پر هنن ڪائڻ لاءِ هٿ ئي نہ وڌايو) سو هنن بابت منجهس خوف پيدا ٿيو. هنن (سندس خوف ڏسي) چيو تہ (اي حضرت ابراهيم) ڊڄ نہ (اسان خدا وٽان توڏي موڪليل فرشتا آهيون) پوءِ هنن کيس خوشخبري ڏني تہ تو کي هڪڙو پٽ ڄمندو جيڪو علم وارو هوندو.

فَاَقْبَلَتِ امْرَاَتُهٗ فِيْ صَرَّةٍ فَصَكَّتْ وَجْهَهَا وَقَالَتْ عَجُوْزٌ عَقِيْمٌ ﴿۲۹﴾

(٢٩) (حضرت ابراهيم جي بيبي سڳوري اها ڳالهہ اندران ٻڌي ورتي) سو هوءَ ڏاڍيان ڳالهائيندي اڳتي وڌي آئي ۽ پنهنجي نرڙ ڏي ڌڪ هنيائين ۽ چيائين تہ (مان تہ بلڪل) ڏيٺ پوڙهي آهيان (مون کي پٽ وري ڪيئن ڄمندو؟)

قَالُوْا كَذٰلِكِ ۙ قَالَ رَبُّكِ ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ ﴿۳۰﴾

(٣٠) هنن (فرشتن) کيس چيو تہ تنهنجي پروردگار ائين ئي فرمايو آهي. (سو ضرور ائين ٿيندو توڙي تون جُهور پوڙهي آهين). بيشڪ هو وڏي حڪمت وارو ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي (۽ سڀ ڪجهہ ڪري ٿو سگهي).